Reg No 2677

ABC Certified

روزاني

سنڌيار

ايڊيٽر: اعجاز مهر

ڪراچي

Daily SINDHYAR Karachi

NTN 4129440-8

www.dailysindhyar.com

جلد: 12 | جمع ڇنڇر ڊسمبر 2023ع بمطابق 16 جمادي الاول 1445هه | شمارو: 51 | قيمت 10 روپيا

آءِ ايم ايف جو هڪ ٻيو شرط پورو، 4 سرڪاري ادارا حڪومتي سرپرستي مان آزاد ڪري ڇڏيا

ايوان صدر چئن سرڪاري ادارن کي حڪومتي سرپرستي مان آزاد ڪرڻ جا آرڊيننس جاري ڪري ڇڏيا

صدر چئن ادارن ريڊيو پاڪستان، اين ايڇ اي، پاڪستان نيشنل شپنگ ڪارپوريشن ۽ پوسٽل سروسز بابت آرڊيننسز جي منظوري ڏئي ڇڏي

غير منافعي بخش ۽ مالي خساري جو سبب بڻجندڙن اهي چارئي سرڪاري ادارا خود مختيار بورڊن جي ماتحت ڪم ڪندا. انهن تان حڪومتي سرپرستي ختم ڪئي وئي

حڪومت پي ٽي وي، ڪسٽم ۽ پاڪستان اسٽيل مل کي به حڪومتي سرپرستي مان آزاد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ ان لاءِ صدارتي آرڊيننس آڻڻ جو فيصلو ڪيو ويو

خراب ڪارڪردگي وارن انهن وڏيڪ چئن سرڪاري ادارن جو به انتظامي ڍانچو تبديل ڪرڻ جو فريم ورڪ تيار ڪيو ويو

خود مختيار بڻايل سرڪاري ادارن جو انتظامي بورڊ 6 کان 12 ميمبرن تي ٻڌل هوندو: ذريعن جي دعويٰ

اسلام آباد (ڊ) حڪومت آءِ ايم ايف جو هڪ ٻيو شرط پورو ڪري ڇڏيو. ايوان صدر چئن سرڪاري ادارن کي حڪومتي سرپرستي مان آزاد ڪرڻ جا آرڊيننس جاري ڪري ڇڏيا. صدر چئن ادارن ريڊيو پاڪستان، اين ايڇ اي، پاڪستان نيشنل شپنگ ڪارپوريشن ۽ پوسٽل سروسز بابت آرڊيننسز جي منظوري ڏئي ڇڏي، غير منافعي بخش ۽ مالي خساري جو سبب بڻجندڙن اهي چارئي سرڪاري ادارا خود مختيار بورڊن جي ماتحت ڪم ڪندا. انهن تان حڪومتي سرپرستي ختم ڪئي وئي. حڪومت پي ٽي وي، ڪسٽم ۽ پاڪستان اسٽيل مل کي به حڪومتي سرپرستي مان آزاد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

مسلم ليگ (ن) مهانگائي ليگ بڻجي چڪي آهي، بلوچستان جي تبديل ڪنداسين: بلاول

اسان جي مخالف ڪا به سياسي پارٽي نه آهي، پاڪستان کي نئين سوچ ۽ سياست جي ضرورت آهي، نوجوانن کي نفرت ۽ انتقام جي پراڻي سياست کي دفن ڪرڻو پوندو

اسان کي هاڻ انهي سياست جي ضرورت آهي جنهن ۾ اتحاد جي باري ۾ سوچ هجي، اڄڪلهه چارٽرڊ آف اڪانومي جون ڳالهيون ڪيون پيون وڃن

پيپلز پارٽي پيپلز چارٽرڊ آف اڪانومي آڻيندي. هن چيو ته ملڪ ۾ غربت، مهانگائي ۽ بيروزگاري آهي، غريبن جو خيال صرف اسان جي پارٽي رکندي آهي

ٻيون پارٽيون اشرافيه جي نمائندگي ڪنديون آهن، سياستدان پنهنجي انا جي بجاءِ عوام جي خدمت جو سوچين. پيپلز پارٽي جو مخالف ڪو به سياستدان نه آهي

آصف زرداري نفرت جي سياست کي ختم ڪيو آهي. آصف زرداري ملڪ کي سي پيڪ ڏنو، آئين ۾ 18 هين ترميم ڪئي

جيڪڏهن هاري خوشحال هوندو ته پاڪستان خوشحال هوندو، مزدورن کي حق ڏيڻ لاءِ بينظير مزدور ڪارڊ به آڻينداسين: يوم تاسيس جي جلسي کي خطاب

ڪوئٽا (م ڊ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته اسان جي مخالف ڪا به سياسي پارٽي نه آهي، پاڪستان کي نئين سوچ ۽ سياست جي ضرورت آهي، نوجوانن کي نفرت ۽ انتقام جي پراڻي سياست کي دفن ڪرڻو پوندو ڪوئٽه ۾ يوم تاسيس جي جلسي کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو چيو ته اسان کي هاڻ انهي سياست جي ضرورت آهي جنهن ۾ اتحاد جي باري ۾ سوچ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪوئٽا: پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري يوم تاسيس جلسي کي خطاب ڪري رهيو آهي

فيض آباد ڌرڻي جو مقصد ختم نبوت نه ختم حڪومت هو: احسن اقبال

فيض آباد ڌرڻي جو تعلق ختم نبوت سان نه پر حڪومت جي خاتمي سان هو

ڪميشن اڄ طلب ڪيو آهي، سوالنامو ڏنو ويو، جن جا جواب تيار ڪري ڏنا ويندا

حڪومت جو خيال هو ته معاهدي تي فوج جي ڪنهن اعليٰ آفيسر کي دستخط نه ڪرڻ گهرجن

اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي سان ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن جو ميمبر ملاقات ڪندي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اڳوڻي وفاقي وزير احسن اقبال چيو آهي ته فيض آباد ڌرڻي جو تعلق ختم نبوت سان نه پر حڪومت جي خاتمي سان هو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

سياسي سرگرميون نه

ڪرڻ ڏيڻ بابت پي ٽي آءِ

جو چيف جسٽس کي خط

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف ڪيس ۽ سياسي سرگرميون بابت چيف جسٽس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

عالمي اردو ڪانفرنس دنيا ۾ اسان جي سڃاڻپ بڻجي وئي آهي: وڏو وزير جسٽس باقر

بين الاقوامي اردو ڪانفرنس اسان جي نه بلڪ سڄي ملڪ جي ضرورت آهي

منهنجي لاءِ اعزاز آهي ته آئون 16 هين عالمي اردو ڪانفرنس جي موقعي تي دانشورن ۽ اديبن وچ ۾ موجود آهيان

احمد شاهه اهو ثابت ڪيو آهي، ادب سان پيار دل سان ڪيو وڃي ته ان ۾ ٽڙيل بوٽا سدابهار هوندا آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر چيو آهي ته عالمي اردو ڪانفرنس دنيا ۾ اسان جي سڃاڻپ بڻجي وئي آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڪراچي: نگران وڏو وزير جسٽس (ر) مقبول باقر سوينيئر وصول ڪري رهيو آهي

توهين اليڪشن ڪميشن ڪيس: گهرو وزارت عمران خان کي پيش نه ڪرڻ جي رپورٽ جمع ڪرائي ڇڏي

اليڪشن ڪميشن سنڌ جي ميمبر نثار دراني جي سربراهي ۾ 4 رڪني بينچ توهين اليڪشن ڪميشن ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

اسد عمر، شعيب شاهين ۽ فيصل چوڌري پيش ٿيا پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان ۽ فواد چوڌري جي پيشي نه ڪئي وئي

اسلام آباد (م ڊ) توهين اليڪشن ڪميشن ڪيس ۾ گهرو وزارت عمران خان کي پيش نه ڪرڻ بابت رپورٽ جمع ڪرائي ڇڏي آهي. اليڪشن ڪميشن ۽ توهين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

عوام تي هڪ ڀيرو ٻيهر ايل پي جي مهانگائي

ايل پي جي جي اڳهن ۾ 1.5 سيڪڙو واڌ ڪئي وئي

ايل پي جي جي قيمت ۾ 3.82 روپيا في ڪلو واڌ ڪئي وئي آهي: اوگرا

اسلام آباد (م ڊ) آئل اينڊ گئس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) ايل پي جي جي اگهه وڌائي ڇڏيا، ايل پي جي جي قيمت ۾ 3.82 روپيا في ڪلو واڌ ڪئي وئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

سالياني مرمت، 3 ڊسمبر تي ڍاٻيجي اسٽيشن بند رهندي

ڍاٻيجي پمپنگ اسٽيشن جي مختلف فيڊرز کي بجلي جي فراهمي جزوي طور بند رهندي

مرمتي ڪم 3 ڊسمبر جي صبح 9 وڳي کان رات 9 وڳي تائين جاري رهندو: پڌرائي

شهري پاڻي جو ذخيرو ڪن ۽ ان کي احتياط سان استعمال ڪن ته جيئن ڪنهن پريشاني کان بچي سگهجي

لاهور: پاڪستان پ ب ويمن ونگ جي مرڪزي اڳواڻ ثميذ خالد يوم تاسيس جي تقريب کي خطاب ڪندي

ڪراچي (رپورٽ) ترجمان واٽر ڪارپوريشن موجب ڪي اليڪٽرڪ پاران 2023،24 جي سالياني مرمتي ڪم جي سبب 3 ڊسمبر تي ڍاٻيجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي يونيورسٽي ۾ بي اي، بي ايس، بي

ايڊ، آنرز ٽيسٽ بيسڊ پروگرام ۾ داخلا

ٽيسٽ لاءِ شاگردن کي ايڊمٽ ڪارڊ جاري

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي يونيورسٽي ۾ بي اي، بي ايس، بي ايڊ، آنرز ٽيسٽ بيسڊ پروگرام ۾ داخلا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

حماس ۽ اسرائيل جنگبندي ۾ وڌيڪ هڪ ڏينهن جي واڌ ٿي وئي

پوئين شرطن جي تحت ئي جنگبندي ۾ جمعي تائين واڌ ڪئي وئي آهي

غزه ۾ امدادي فراهم ڪئي ويندي ۽ قيدين جنگ کان پاسو ڪن: ماجد الانصاري

غزه (م ڊ) حماس ۽ اسرائيل وچ ۾ جنگبندي جي 7 ڏينهن ختم ٿيڻ کان اڳ ۾ جنگبندي ۾ هڪ ڏينهن جي واڌ ڪئي وئي آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪورٽ کي آهڙو بيان نه ٿو ڏيڻ چاهيان جنهن سان مون کي ٻيهر جيل وڃڻو پوي: شيخ رشيد

عدالت پنجاب حڪومت کي ڪيسز جي مڪمل رپورٽ جمع ڪرائڻ لاءِ هڪ هفتي جي مهلت ڏني آهي

راولپنڊي (م ڊ) اڳوڻي گهرو وزير ۽ عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد احمد چيو آهي ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

لطيف کوسا ۽ بشري بي بي جي مبينا آڊيو ليڪ سامهون اچي وئي

آڊيو ۾ لطيف کوسو ۽ بشري بي بي پي ٽي آءِ چيئرمين جي پيرن سان اختلافن جو ڪليل طريقي سان اظهار ڪري رهيا آهن

آڊيو ۾ بشري بي بي کي اهو چوندي ٻڌي سگهجي ٿو ته اني اسان جي لاءِ مسئلو پيدا ٿي ويو آهي

اسان جي ڳالهه ۾ ڪافي ڇڪتاڻ ٿي وئي هئي، جنهن تي لطيف کوسا چوي ٿو ته صحيح آهي

ڪراچي: چيف آف دي نيول اسٽاف ايڊمرل نويد اشرف نيول هيڊڪوارٽر ۾ ڪمانڊ اينڊ اسٽاف ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

لاهور (م ڊ) بشري بي بي ۽ لطيف کوسا جي مبينا آڊيو ليڪ سامهون اچي وئي آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ٿائيلينڊ جي چيف

محتسب پاران محتسب

سنڌ جي آفيس جو دورو

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي محتسب سنڌ اعجاز علي خان جي دعوت تي ٿائيلينڊ جي چيف محتسب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ٿائيلينڊ جي چيف محتسب کي شيلڊ ڏني پئي وڃي

لطيف کوسا پاران ۽ بشري بي بي جي سامهون ايندڙ آڊيو جي تصديق

جسٽس بابت ستار به آرڊر ڏنو آهي ته اهو ڪير آڊيو ليڪ ڪري رهيو آهي؟

سينئر وڪيل سردار لطيف کوسي جي مبينه آڊيو سامهون اچي وئي

لاهور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف چيئرمين بشري بي بي جي سامهون ايندڙ آڊيو جي تصديق عمران خان جي وڪيل لطيف کوسا ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

پاڪستان پهچي اسلام قبول ڪري شادي ڪندڙ انجو واپس ڀارت پهچي وئي

منهنجي گهرواري فاطمه ضروري ڪم جي لاءِ ڀارت وئي آهي: مڙس

لاهور (م ڊ) محبت خاطر ڀارت کان پاڪستان پهچي اسلام قبول ڪري شادي ڪندڙ انجو واپس ڀارت پهچي وئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪانگو وائرس ڇوت ۽ سانس جي ڇڪيل خاص قسم جو ڇوت هوندو آهي: ڊاڪٽر دوتو جانديو

علامتون ڪنهن انسان ۾ ظاهر ٿين ته فوري طور ڪنهن ماهر ڊاڪٽر سان رجوع ڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) لائيو اسٽاڪ ڪراچي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر دوتو جانديو چيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

جسٽس مظاهر نقوي جوڊيشل ڪائونسل جي ڏنل شوڪاز نوٽيس کي چيلينج ڪري ڇڏيو

جسٽس مظاهر نقوي طرفان داخل ڪيل درخواست ۾ وفاق کي گهرو وزارت ذريعي ڌر بڻايو

منهنجي خلاف شڪايت کي ڪليل عدالت ۾ ٻڌو وڃي: جسٽس مظاهر نقوي

اسلام آباد (م ڊ) جسٽس مظاهر نقوي جي خلاف سپريم جوڊيشل ڪائونسل جي ڪارروائي جي معاملي ۾ اهم اڳڀرائي ڪئي وئي، جسٽس مظاهر نقوي سپريم جوڊيشل ڪائونسل جو شوڪاز نوٽيس سپريم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

گهوٽڪي ۾ رينجرز اهلڪارن تي فائرنگ، 2 اهلڪار شهيد، 5 زخمي

شهيد ۽ زخمي اهلڪارن کي فوري طور سول اسپتال گهوٽڪي منتقل ڪيو ويو

حملي ڪانپو سيڪيورٽي ادارن علائقي کي گهيري ۾ آڻي زخمين ۽ شهيد اهلڪارن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سرڪاري ذريعن موجب گهوٽڪي ۾ رينجرز اهلڪارن تي حملو ڪيو ويو، 2 اهلڪار شهيد ۽ 5 زخمي ٿي پيا، شهيد ۽ زخمي اهلڪارن کي اسپتال منتقل ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪراچي ۽ پوليس ڪانسٽيبل سي ٽي ڊي اهلڪار به ڏوهن ۾ ملوث نڪتا

10 ڪان 11 سادن ڪپڙن ۾ هٿياربند گهرن ۾ گهڙي پاڻ کي سي ٽي ڊي اهلڪار ٻڌائيندا هئا: آئي جي پوليس آفيس

اهلڪار هٿيارن جي تلاشي جي بهاني آيا ۽ قرلت ڪري هليا ويا

ڪراچي (م ڊ) سعيد آباد ۽ سي ٽي ڊي اهلڪارن ڏوهن ۾ ملوث نڪتا، ڪراچي پوليس آفيسر بشير حسين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

عالمي مارڪيٽ ۾ واڌ

باوجود پاڪستان ۾ سون

جو اگهه برقرار رهيو

ڪراچي (م ڊ) عالمي مارڪيٽ ۾ واڌ باوجود پاڪستان ۾ سون جو اگهه برقرار رهيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

لاهور: مسلم ليگ ن جي سينيٽر نواز شريف صدارت ۾ اجلاس جي صدارت ڪندي

نوازشريف، آصف زرداري ۽ يوسف رضا گيلاني خلاف توشه خانه ريفرنس جي ٻڌڻي 20 ڊسمبر تائين ملتوي

نوازشريف جا وڪيل قاضي مصباح، ارشد تبريز، نيب پراسيڪيوٽر عرفان ڀولا ۽ سهيل عارف عدالت ۾ پيش ٿيا

نوازشريف جاچ ۾ شامل ٿي چڪو آهي، سوالنامو ڏنو ويو 2019 ۾ نيب طرفان ريفرنس تيار ڪيو ويو: وڪيل

اسلام آباد (م ڊ) احتساب عدالت اڳوڻي وزيراعظم نوازشريف، آصف زرداري ۽ يوسف رضا گيلاني خلاف توشه خانه ريفرنس جي ٻڌڻي 20 ڊسمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

نوازشريف، آصف زرداري ۽ يوسف رضا گيلاني (فائيل فوٽو)

سنڌ جي تعليم کاتي 22

ڊسمبر کان سياري جي

موڪلن جو اعلان ڪري ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي تعليم کاتي سياري جي موڪلن جو اعلان ڪري ڇڏيو، سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ 22 ڊسمبر کان 31 ڊسمبر تائين سياري جون موڪلون هونديون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

بنون: ٽن ڏينهن لاءِ پيادل سواري تي پابندي

بنون ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائڻ لاءِ دفعو 144 لاڳو ڪيو ويو

سڄي ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ دفعو 144 لاڳو ڪيو ويو

بنون (م ڊ) خيبرپختونخواهه جي ضلعي بنون ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائڻ لاءِ دفعو 144 لاڳو ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ارباب غلام رحيم پاران پي ٽي آءِ جي ڊي اي جي پليٽ فارم تان چونڊ وڙهڻ جو فيصلو

ارباب رحيم جي صدارت هيٺ ارباب فيملي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ پي ٽي آءِ کان عليحدگي اختيار ڪندي

اسان بيرپاڳاري سان گڏ آهيون ۽ ايندڙ چونڊ جي ڊي اي جي پليٽ فارم تان وڙهنداسين: ارباب غلام رحيم

ڪراچي (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي خاص مددگار رهندڙ ارباب غلام رحيم پي ٽي آءِ کان رستا ڌار ڪري ايندڙ چونڊون جي ڊي اي جي پليٽ فارم تان وڙهڻ جو فيصلو ڪيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ايف بي آر سان ڳالهيون ڪامياب، بي آءِ ايس جا سمورا اڪائونٽ بحال

بي آءِ ايس جي چيف فنانشل آفيسر اڪائونٽس جي بحالي لاءِ ايف بي آر سان ڳالهيون ڪيون

رقمن جي ادائيگي لاءِ شيڊيول طئي ڪرڻ تي ڳالهيون ڪيون ويون: ترجمان

بي (م ڊ) ايف بي آر ڪامياب ڳالهيون بعد بي آءِ ايس جا سمورا اڪائونٽس بحال ڪيا ويا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

مردان: ن ليگ اڳواڻ محمد اياز خان گولين هٿي قتل

محمد اياز خان گاڏي ۾ گهر وڃي رهيو هو ته اڻڄاتل ماڻهن فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ هو مارجي ويو

ريسڪيو ٽيم ڪيس اسپتال پهچايو پر هو دم ڏئي چڪو هو: اختياريون

واقعي جو ڪيس اڻڄاتل ماڻهن خلاف داخل ڪيو ويو آهي

مردان (م ڊ) ن ليگ اڳواڻ مردان سٽي جي جنرل سيڪريٽري محمد اياز خان کي قتل ڪيو ويو. پوليس واقعي جو ڪيس اڻڄاتل ماڻهن خلاف داخل ڪري ورتو آهي. مردان ۾ ن ليگ جي جنرل سيڪريٽري محمد اياز خان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سنڌ پنجاب ڌنگ ۽ قتل تيل 5 گوٺائن جي جنازي نماز ادا، وڏي انگ ۾ ماڻهن جي شرڪت

شعبان، حنيف، شهزاد ۽ سولنگي سميت 4 جڻن جا مڙهه ڪچي وقت قيامت صغري جهڙا منظر نظر آيا

ڌاڙيلن جي حملي ۾ عورت سڳو 5 گوٺاڻا قتل ۽ 3 پوليس اهلڪار شهيد ٿي ويا هئا

راڻيپور (رپورٽر) سنڌ پنجاب ڌنگ ڪچي وقت قتل ٿيل 5 گوٺاڻن جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪوئيٽا: پاڪستان پريس انٽرنيشنل (پي پي آءِ) ۽ ٿامس ميڊيا جي طرفان صحافين جي تربيتي ورڪشاپ کي ڊاڪٽر ارجمند سجاد خطاب ڪري رهيو آهي

ڪراچي: گلستان جوهر واري علائقي ۾ گهر مان ماءُ ۽ ڌيءَ جا لاش هٿ آيا

ڪين تيزڌار اوزار سان ڪهي قتل ڪيو ويو، پوليس مقتول عورت جي مڙس کي گرفتار ڪري ورتو

گلشن جوهر جي علائقي بلاڪ 5 ٻنول اسپتال ويجهو شبير محمد بلوچ گوٺ ۽ گهر مان عورت ۽ ڌيءَ جا لاش مليا آهن

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي گلستان جوهر ۾ گهر مان ماءُ ۽ ڌيءَ جا لاش مليا آهن. مقتول عورت جي مڙس کي گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس موجب واقعو گلستان جوهر جي بلاڪ 5 ۾ پيش آيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي سڏ تي شهيد جان محمد مهر جي قتل خلاف ڪارو ڏينهن ملهايو ويو

سڄي ملڪ اندر ڪارو ڏينهن ملهائي پريس ڪلبن تي ڪارا جهنڊا چاڙهي احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا

حيدرآباد پريس ڪلب تي ڪارو جهنڊو چاڙهي پريس ڪلب کان ريڊيو پاڪستان تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

شهيد جان محمد مهر جي قتل کي ٽي مهينن کان وڌيڪ عرصو گذرڻ باوجود مک قاتلن کي گرفتار ناهي ڪيو ويو: اقبال ملاح

ڪراچي، حيدرآباد (نمائندو سنڌيار) سکر جي صحافي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

حيدرآباد: شهيد جان محمد مهر جي قتل خلاف قلم ڏيکاري احتجاج ڪري رهيا آهن

ن ليگ ۾ ذڪر، مهانگائي جو ذميوار احسن اقبال آهي: دانيال عزيز

احسن اقبال پاڻ کي مقامي حڪومتن بابت هوشيار سمجهن ٿا

غريب عوام کي مهانگائي کي منهن ڏيڻو پيو جيڪا احسن اقبال جي مڪمل نااهلي ۽ ناڪامي آهي

اليڪشن هلي رهي آهي ۽ ان باوجود پارٽي مهانگائي جو نوٽيس نه ورتو ته عوام ان کي هر صورت ۾ ڪندو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) ن ليگ جي اڳواڻ دانيال عزيز، احسن اقبال تي تنقيد ڪندي چيو ته احسن اقبال پاڻ کي مقامي حڪومتن بابت هوشيار سمجهن ٿا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

5 ڊسمبر کان شهر ۾ ٿڌيون هوائون داخل ٿينديون: موسميات کاتو

شهر ۾ گهٽ کان گهٽ گرمي پد 14 ڊگري سينٽي گريڊ تائين رڪارڊ ڪيو ويو

وڌ کان وڌ پارو 27 کان 29 ڊگري سينٽي گريڊ تائين رهڻ جو امڪان آهي

ڪراچي (م ڊ) موسميات کاتي ڪراچي ۾ ٿڌيون هوائون داخل ٿيڻ جي اڳڪٿي ڪندي چيو آهي ته 5 ڊسمبر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

ڊي سي ساؤٿ پاران

ڊي ايڇ اي ۾ بيڪن

هائوس اسڪول جو دورو

ڪراچي (رپورٽر) ڊي سي ساؤٿ ڪيپٽن (ر) الطاف حسين ساريو ڊي ايڇ اي ۾ بيڪن هائوس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ٺٽون ڪوٽ ۾ شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو

پريس ڪلب تي ڪارو جهنڊو چاڙهي صحافي برداري ۽ سول سوسائٽي پاران احتجاجي ڪيو ڪيو ويو

3 مهينا گذرڻ باوجود پوليس جان محمد مهر جي قاتلن ۽ سهولتڪارن کي گرفتار ناهي ڪري سگهي : مظاهرين

جان محمد مهر جي قاتلن ۽ سهولتڪارن کي گرفتار ڪري شهيد صحافي جي خون سان انصاف ڪيو وڃي

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽر) پي ايف يو جي جي سڏ تي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ٺٽون ڪوٽ ۾ پريس ڪلب تي ڪارو جهنڊو چاڙهي صحافي برداري ۽ سول سوسائٽي پاران احتجاجي ڪيو ڪيوويو ان موقعي تي اڳواڻن مولابخش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٺٽون ڪوٽ: شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ڊي آءِ سي انچارج ٺٽو جون ڪارروايون، گم ٿيل 6 موبائل فون هٿ ڪري ورتا

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) ايس ايس پي ٺٽو علي بخش عرف آفتاب احمد نظاماڻي جي حڪم تي ڊي آءِ سي انچارج ٺٽو عاصم جبار ڀٽي انچارج ڊي اي او وقاص علي قريشي مختلف ڪارروايون ڪري چوري يا گم ٿيل 6 موبائل فون هٿ ڪري ورتا جنهن Vivo ،Oppo ۽ Infinix ڪمپنيز جا فون شامل هيا برآمد ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

اسان جي ڪوشش آهي ته نوجوانن کي هنري سکيا ڏني وڃي : سرفراز پنگر

عمران الله عباسي ڊپٽي ڊائريڪٽر احمد علي سيال انسٽيٽيوٽ جو دورو ڪيو

حڪومت جي سهڪار سان نوجوانن کي هنري تعليم فراهم ڪرڻ لاءِ مختلف ڪورسز جاري آهن

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موتوائي) ڏهرڪي ۾ NAVTC پاران ملڪ انسٽيٽيوٽ آف آئي ٽي اينڊ ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن ڏهرڪي ۾ جنرل اليڪٽريشن ڪورس جي آن لائن ايسيسمينٽ ٿي، جنهن ۾ شاگردن سميت ... چيو ته اسان جي ڪوشش آهي ته نوجوانن کي هنري سکيا ڏني وڃي ته جيئن هو پنهنجي روزگار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٺٽي ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر پاران مختلف علائقن، ٽرانزٽ ۽ فڪسڊ پوائنٽس جو دورو

ان ڳالهه جو خاص خيال رکيو وڃي ته پنج سالن کان گهٽ عمر جو ڪو به ٻار پوليو ڦڙا پيارڻ کان هر گز نه رهجي : ڊاڪٽر سيد صفدر علي شاهه

مارڪنگ انتهائي احتياط سان ڪيو وڃي ته جيئن مانيٽرنگ ٽيمن کي صحيح عدد و شمار ۽ نتيجا حاصل ڪرڻ ۾ ڪا به پريشاني نه ٿئي

هر ٻار کي پنهنجو ٻار سمجهي مهم کي قومي فريضي طور انجام ڏنو وڃي ته جيئن پوليو جهڙي خطرناڪ بيماري کان پاڪ ڪري سگهجي

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر سيد صفدر علي شاهه مختلف علائقن، ٽرانزٽ ۽ فڪسڊ پوائنٽس، مختلف بنيادي ۽ ديهي صحت مرڪزن ۽ اسپتالن جو دورو ڪري ... ان ڳالهه جو خاص خيال رکيو وڃي ته پنج سالن کان گهٽ عمر جو ڪو به ٻار ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٺٽو: ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر مختلف علائقن، ٽرانزٽ ۽ فڪسڊ پوائنٽس جو دورو ڪندي

شڪارپور ۾ سماجي تنظيم پاران روزا ووٽ جي آگاهي بابت هڪ سيمينار

ساهرا احمد، صفيه بانو، ڪرم حسين منگي، عجيبه منگي، غلام رسول جلباڻي ۽ ٻين جي شرڪت

يوسي سطح تي مڪامي ڳوٺن ۾ رهندڙ عورتن کي ووٽ جي اهميت بابت ٻڌايو پيو وڃي : اڳواڻ

ڪوشش آهي ته عورت پنهنجي ووٽ جو استعمال صحيح طرح سان ڪري ته جيئن انهن جو ووٽ ضايع نه ٿي سگهي

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) شڪارپور ۾ سماجي تنظيم ايچ ڊي ايس هيومن ڊولپمينٽ سوسائٽي پاران آءِ او ايم جي تعاون سان هڪ روزا ووٽ جي آگاهي بابت هڪ سيمينار شڪارپور پريس ڪلب ۾ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ساهرا احمد، صفيه بانو ڪرم حسين منگي، عجيبه منگي، غلام رسول جلباڻي سميت عورتن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. آءِ او ايم جي ڪوارڊينيٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سکر ۾ آبادگارن جي معاشي قتل عام ۽ ڊي اي پي ۽ اينگرو يوريا جي بليڪ مارڪيٽنگ خلاف مظاهرو

عبدالمجيد جسڪاڻي، ميان خيرالدين انيڙ، رفيق انيڙ، ڊاڪٽر ممتاز ورند، ماجد ڏنور، ڊاڪٽر ذبيح الله جتوئي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

حڪومت جي سرپرستي ۾ آبادگارن جو معاشي قتل عام ڪيو پيو وڃي. شڪايتن تي ڪو به عمل نه پيو ڪيو وڃي : مظاهرين

فصلن جا سرڪاري اگهه مقرر ٿيل آهن پر هارين کي سندن فصلن جو مناسب اگهه نه ڏنو پيو وڃي، نوٽيس وٺي واهر ڪئي وڃي

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) آبادگارن جي معاشي قتل عام سميت ڊي اي پي ۽ اينگرو يوريا جي بليڪ مارڪيٽنگ خلاف سکر ضلعي جا آبادگار سراپا احتجاج سوين آبادگارن پاران جاڻايل عمل خلاف سکر پريس ڪلب کان ڊپٽي ڪمشنر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سکر: پنوعاقل ويلفيئر اتحاد طرفان مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

عمرڪوٽ جي خان محمد ميموريل پبلڪ اسڪول ۾ ثقافتي پروگرام منعقد ڪيو ويو

عمرڪوٽ (رپورٽر) ڊورونارو ۾ سنڌ چائلڊ پروٽيڪشن يونٽ عمرڪوٽ پاران ٻارڙن جي عالمي ڏهاڙي ۽ ٻارڙن جي تحفظ جي حوالي سان حاجي خان محمد ميموريل پبلڪ اسڪول ۾ هڪ پروگرام منعقد ڪيو ويو. ان موقعي تي تقريب ۾ اسڪول جي شاگرد ۽ شاگردياڻين پاران ننڍپڻ جي شادين جي روڪٿام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوشهرو فيروز : جي ڊي اي اڳواڻن پاران اليڪشن اتحاد جوڙي پ پ کي ٽف ٽائيم ڏيڻ لاءِ اجلاس

اجلاس ۾ جي ڊي اي اڳواڻ غلام مرتضيٰ خان جتوئي، مسرور خان جتوئي، شاهنواز خان جتوئي، شڪيل احمد جلباڻي ۽ ٻين جي شرڪت

اهو وقت پري ناهي جي ڊي اي ۾ نوشهروفيروز ضلعي سان تعلق رکندڙ اهم شخصيتون اعلان ڪنديون : غلام مرتضيٰ خان جتوئي

پ پ ورڪرن ۽ جيالن جي پارٽي ناهي رهي محترمه بينظير ڀٽو کانپوءِ پارٽي عوامي ناهي رهي، عوام هاڻي سجاڳ ٿي چڪو آهي

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) جي ڊي اي اڳواڻن پاران اليڪشن اتحاد جوڙي پ پ کي ٽف ٽائيم ڏيڻ لاءِ جتوئي هائوس نوان جتوئي تي اجلاس ٿي گذريو. اجلاس ۾ جي ڊي اي اڳواڻ غلام مرتضيٰ خان جتوئي، مسرور خان جتوئي، شاهنواز خان جتوئي، شڪيل احمد جلباڻي. سابق ايم پي اي سيد احمد علي شاهه. زوهيب علي شاهه. سابق ايم پي اي ڊاڪٽر عبدالستار راڄپر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڪراچي : اردو يونيورسٽي سنڌي سٿ پاران وفاقي عبدالحق ڪئمپس ۾ ثقافتي ڏهاڙو ملهايو ويو

قومي عوامي تحريڪ سربراهه اياز پليجو، ايڊوڪيٽ مظهر راهوجو، پروفيسر شير مهراڻي، فرحان لاڙڪ، مشتاق سرڪي ۽ ٻين جي شرڪت

ثقافتي لباس پهري ۽ پنهنجي ٻولي، ثقافت ۽ قومي تشخص کي اجاگر ڪرڻ نئين سنڌ جي شروعات آهي : اڳواڻ

احساس ڪمتري ختم ڪري احساس فخر جو دور آهي. بنيادي تبديلي جو دور آهي. سنڌي قوم کي پنهنجا سڀ قومي حق حاصل ڪرڻا پوندا

ڪراچي (باغي ساگر پنهوار) اردو يونيورسٽي سنڌي سٿ پاران وفاقي عبدالحق ڪئمپس ۾ ثقافتي ڏهاڙو ملهايو ويو جنهن قومي عوامي تحريڪ سربراهه اياز پليجو، ايڊوڪيٽ مظهر راهوجو، پروفيسر شير مهراڻي، فرحان لاڙڪ، مشتاق سرڪي، اشفاق اتيرو، منان شيخ سميت استادن، شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان تي شاگردن ۽ شاگردياڻين ثقافتي ٽيبلوز ۽ هو جمالو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڪراچي: اردو يونيورسٽي سنڌي سٿ پاران منعقد ثقافتي تقريب ۾ اڳواڻ ويٺل آهن

ڪنڊ : لائينگ جي ڪم ۾ ناقص مٽيريل استعمال سبب گهارا پوڻ لڳا

اريبين روپين جو ڪم ڪرپشن جي نظر ٿيل ملوث عملدارن خلاف ڪا به ڪاروائي نه ٿي سگهي

ميگا پراجيڪٽ آبادگارن توڙي عام ماڻهن لاءِ بي لاپ بڻجي ويو، لاڳاپيل اختيارين ڪو نوٽيس نه ورتو

سرڪار جو ٿيل پئسو واپس ڪرائي لائننگ تي ٻيهر خرچ ڪري عوام ۽ آبادگارن کي سهولت ڏني وڃي : متاثر

ڪنڊ (رپورٽ محرم علي ملاح) آبپاشي سب ڊويزن ڪنڊ جي گهوٽي شاخ جي اربين روپين جي لاڳت سان ٽينڊر لائينگ جي ڪم ۾ ناقص مٽيريل استعمال ٿيڻ سبب شاخ کي روٽيون ۽ گهارا پوڻ لڳا اربين روپين جو ڪم ڪرپشن جي نظر ٿيل ملوث عملدارن خلاف ڪا به ڪاروائي نه ٿي ميگا پراجيڪٽ آبادگارن توڙي عام ماڻهن لاءِ بي لاپ بڻجي ويو ملوث ايريگيشن عملدارن خلاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

بدين ۾ مرڪزي جماعت اهلسنت ضلعي جو مشاورتي اجلاس

اجلاس ۾ چيف آرگنائزر سنڌ سيد ضياءالله شاهه جيلاني نون عهديدارن کي حلف ڪڻايو

مرڪزي جماعت اهلسنت جو مشن تحفظ مقام مصطفيٰ ۽ نفاذ نظام مصطفيٰ آهي : اڳواڻ

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ مرڪزي جماعت اهلسنت ضلعي جو مشاورتي اجلاس، عهديدارن جي چونڊ تي گڏجي چيف آرگنائزر سنڌ سيد ضياءالله شاهه جيلاني نون عهديدارن کي حلف ڪڻايو خبر موجب مرڪزي جماعت اهلسنت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٽنڊو باگو ۾ ثقافت جي ڏهاڙي جي حمايت ۾ تقريب

اسڪولي ٻارڙن قومي گيتن تي ٽيبلوز ۽ تقريرون ڪري داد حاصل ڪيو

پروگرام ۾ قومي گيتن تي ٻارڙين پاران ٽيبلوز به پيش ڪيا ويا

ٽنڊوباگو (رپورٽ: سهيل سمون) سنڌي ميڊيا جي سڏ تي سنڌ جي ثقافت جي ڏهاڙي جي حمايت ۾ ٽي سي ايف سجاڳ سينٽر پاران رنگا رنگي پروقار ثقافتي تقريب ملهائي وئي جنهن پروگرام ۾ اسڪولي ٻارڙن قومي گيتن تي ٽيبلوز ۽ تقريرون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ٽنڊو باگو: ثقافت جي ڏهاڙي جي حوالي سان منعقد تقريب ۾ شاگرد ٻارڙا شريڪ آهن

گلاب لغاري پرسان سيد ابن شاهه بخاري جو عرس ملهايو ويو

ڏهاڙي جو افتتاح درگاهه جي سجاده نشين سيد جمن شاهه بخاري چادر چاڙهي ڪيو

جبار فقير ۽ ذاڪر علي لغاري پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري خوب داد حاصل ڪيو

گلاب لغاري (رپورٽ گلزار لغاري) گلاب لغاري پرسان سنڌ جي تاريخي ماڳ ڳهر ڪوٽ ۾ مدفون مشهور بزرگ اوليا سيد ابن شاهه بخاري جو ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سنڌ جي اجرڪ ۽ ٽوپي اسان جو شان ۽ مان آهي : شهزادو شرڪت فقير

ثقافتي ڏهاڙي تي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهون ڀرپور نموني سان ملهائن

سنڌ جي دل ڪراچي جي بورٽ گرائونڊ ۾ هڪ بهترين محفل موسيقي جي تقريب ڪرائي وئي آهي

ڪراچي (باغي ساگر پنهوار) ثقافتي ڏهاڙي ... ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهون ڀرپور نموني سان ملهائن ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سکر ۾ ناظم خادم حسين چاچڙ سان والده جي وفات تي تعزيت جاري

تحريڪ لبيڪ جي اڳواڻ پاران سندس ڳوٺ پهچي عذر خواهي ڪئي وئي

اڳواڻن ڳوٺ ولي محمد چاچڙ پهچي مرحوم جي وارثن سان تعزيت ڪئي

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) تحريڪ لبيڪ پي ايس 23 جي انتظامي معاملن جي ناظم خادم حسين چاچڙ سان سندس والده جي وفات /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سکر: ناظم خادم حسين چاچڙ سان والده جي وفات تي تعزيت جو سلسلو جاري آهي

ٺٽي ۾ بجيٽ جو ڪوارٽر وقت گذرڻ باوجود جاري نه ٿيڻ خلاف احتجاج

محمد امين بروهي، اسلم خاصخيلي، مجيد خشڪ، حاجي خدابخش پالاري ۽ ٻين احتجاج ڪيو

معاملي جو نوٽيس وٺي ساليانو بجيٽ جو ڪوارٽر جلدي ريليز ڪيو وڃي : مظاهرين جون دانهون

ٺٽو (رپورٽ جاويد لطيف ميمڻ) ٽيڪيدار ايسوسيئيشن ايجوڪيشن ورڪس يونٽ ٺٽي محمد امين بروهي، اسلم خاصخيلي، مجيد خشڪ، حاجي خدابخش پالاري، جمن ڪهيو، ارسلان شير هالو پاران سال واري بجيٽ جو ڪوارٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ڪراچي ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جو اجلاس منعقد

ڪراچي ۾ رهندڙ پارٽي ڪارڪنن جي هر ڏک سک ۾ گڏ رهندا سين : اڳواڻ

پارٽي جي هر حڪم تي لبيڪ چوندي پنهنجي قومي جدوجهد کي جاري رکنداسين

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ڪراچي ڊويزن جي اليڪشن مرڪزي اليڪشن ڪميشن جي ميمبر انجنيئر پرديپ ڪالاڻي جي صدارت ۾ ٿي. اجلاس ۾ مرڪزي اڳواڻن، جڳديش آهوجا، غلام مصطفيٰ چانڊيو خصوصي شرڪت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ڪراچي: ايس يو پي ڊويزن جي چونڊن ۾ ڪامياب ٿيندڙ اڳواڻ خوشي جو اظهار ڪري رهيا آهن

امتحان جي فيسن ۾ واڌ ڪي اسان شاگرد دشمن سمجهون ٿا : مهدي رضا

اسان سمجهون ٿا ته فيسن ۾ ايتري واڌ سنڌ جي نوجوانن سان سراسر ظلم آهي

نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪيو وڃي. شاگردن مان مايوسي ختم ڪئي وڃي

ٺٽو (رپورٽ جاويد لطيف ميمڻ) آل سنڌ لا اسٽوڊنٽس ايسوسيئيشن اسلاجي مرڪزي صدر مهدي رضا، سيڪريٽري جنرل سڪيو لاشاري، اسلاجي مرڪزي اڳواڻ نريندر ڪمار ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته تازو ٿي سنڌ يونيورسٽي جامشورو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نوشهرو فيروز ۾ ثقافت جا رنگ نکري پيا

هاءِ اسڪول نمبر ٻه ۾ قومي گيتن تي شاگردن جي ڀرپور پرمارمنس

ٽيبلوز ۽ سائنسي ميلو، قومي گيتن تي جهمريون هنيون ويون

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهرو فيروز ۾ ثقافت جا رنگ نکري پيا. هاءِ اسڪول نمبر ٻه ۾ قومي گيتن تي شاگردن جي ڀرپور پرمارمنس. ٽيبلوز ۽ سائنسي ميلو. رپورٽ موجب ايڪتا جي حوالي سان گورنمينٽ هاءِ اسڪول نوشهرو فيروز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نوشهروفيروز ۾ جنرل هولڊ اپ ۽ اسنيپ چيڪنگ

ايس ايچ اوز اسنيپ چيڪنگ واري عمل ۾ مصروف رهيا آهن : عملدار

ڏوهارين جي گرفتاري لاءِ اسنيپ چيڪنگ ڪئي پئي وڃي

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) آءِ جي سنڌ رفعت مختار جي هدايتن تي ضلعي نوشهروفيروز ۾ جنرل هولڊ اپ ۽ اسنيپ چيڪنگ ڪئي وئي. اسنيپ چيڪنگ جي عمل جي نگراني ايس ايس پي نوشهروفيروز عابد علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

نوشهروفيروز: پوليس عملدار مک روڊ تي چيڪنگ ڪري رهيا آهن

بدين جي مختلف تعليمي ادارن ۾ ثقافتي ڏهاڙي جا پروگرامن جو سلسلو جاري

اسلاميه ڊگري ڪاليج ۾ پرنسپال اصغر علي ميمڻ پاران رکيل ثقافتي پروگرام ۾ شاگردن جي شرڪت

اجرڪ ڪلهن ۾ ويڙهي سنڌي ٽوپيون پائي قومي ثقافتي گيتن تي زبردست انداز ۾ رقص ڪيو ويو

ثقافتي ڏهاڙو وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهائي پنهنجي ڌرتي سان محبت جو وچن ورجائينداسين : اڳواڻ

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ روزانو مختلف تعليمي ادارن ۾ ثقافتي ڏهاڙي جا پروگرامن جو سلسلو جاري آهي بدين جي اسلاميه ڊگري ڪاليج ۾ پرنسپال اصغر علي ميمڻ پاران رکيل ثقافتي پروگرام ۾ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

بدين: ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان پروگرام ٿي رهيو آهي

سکر ۾ ايڪسائيز کاتي جو وهيڪل ڊپارٽمينٽ ايجنٽ حوالي، شهري گاڏين جا ڪاغذ نهرائڻ لاءِ پريشان

سکر (رپورٽر) ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ڊپارٽمينٽ سکر ۾ موٽروهيڪل ڊپارٽمينٽ طرفان پنهنجا من پسند ايجنٽ ميدان ۾ آڻي ڇڏيا آهن جنهن ڪري شهرين کي گاڏين جا ڪاغذ نهرائڻ ۾ سخت مشڪلاتن جون منهن ڏسڻو پئي ٿو باخبر ذريعن جو چوڻ آهي ته سکر ايڪسائيز کاتي جي موٽروهيڪل ڊپارٽمينٽ پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

گلستان جوهر ۾ وحشي جوابدار پنهنجي گهرواري سميت 3 ٻارڙن کي ڪهي ڇڏيو

جوابدار تيز ڇهري سان پنهنجي گهر سميت ٽن معصوم ٻارڙن کي ڪهڻ بعد فرار ٿي ويو

لاشن جا پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيا ويا. سهري جي فرياد تي جوابدار گرفتار

ڪراچي (رپورٽ باغي ساگر پنهوار) گلستان جوهر ۾ وحشي ... تي ڪيس داخل وحشي جوابدار گرفتار گلستان ... سان تيز ڇهري سان پنهنجي گهر سميت ٽن معصوم ٻارڙن کي ڪهڻ بعد فرار ٿي ويو پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٽنڊو باگو جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول ميٽاڻ ۾ پروقار ثقافتي تقريب

سماجي تنظيم باڪ ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران رنگا رنگي پروقار ثقافتي تقريب ملهائي وئي

ٻارڙن قومي گيتن تي ٽيبلوز ڪرڻ ڪمپيٽيشن ۽ مختلف راندين جا مقابلا ڪرائي واهه ڪرائي

سنڌ جي ثقافت دنيا جي امير ترين ثقافتن مان هڪ آهي سنڌ جي تهذيب دنيا جي قديم تهذيبن مان هڪ آهي : اڳواڻ

ٽنڊوباگو (رپورٽ: سهيل سمون) سنڌي ميڊيا جي سڏ تي سماجي تنظيم باڪ ويلفيئر ايسوسيئيشن ... پروگرام ۾ اسڪولي ٻارڙن قومي گيتن تي ٽيبلوز ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ٽنڊو باگو: گورنمينٽ پرائمري اسڪول ميٽاڻ ۾ پروقار ثقافتي تقريب ۾ اڳواڻ ويٺل آهن

سکر ۾ شهيد اسلام ڊاڪٽر خالد محمود سومرو جي ياد ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) شهيد دودو سومرو ويلفيئر آرگنائيزيشن سکر پاران سومرو هائوس ۾ شهيد اسلام ڊاڪٽر خالد محمود سومرو جي ياد ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي، شهيد اسلام ڊاڪٽر خالد محمود سومرو جي تصوير اڳيان شمع روشن ڪري سندس ديني ۽ سياسي خدمتن کي خراج عقيدت پيش ڪيو ويو تقريب ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

محراب پور پريس ڪلب ۾ عورت پاران احتجاج، انصاف جي گهر

منهنجو نياڻو جاويد ملاح آهي پر ڪجهه ماڻهون غلط افواهه هلائي رهيا آهن : مسمات غلام زهره

منهنجو پيو نياڻو عمران شاهاڻي آهي ان منهنجي نياڻي سان جاويد ملاح جو ڪو تعلق ناهي

ماڻهون ميڊيا تي غلط افواهه ڦهلائي رهيا آهن انهن کي مان چوان ٿي ته ڪوڙن بيانن ڏيڻ کان پاسو ڪن ۽ ڪوڙيون افواهون نه ڦهلائن

محراب پور (رپورٽر مجاهد علي سامٽيو) محراب پور ميڊيا هائوس مرڪز ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڀلائي واسڻ مسمات غلام زهره ملاح پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته منهنجو نياڻو جاويد ملاح آهي پر ڪجهه ماڻهون غلط افواهه هلائي رهيا آهن ۽ ڪجهه ميڊيا تي ڪوڙيون خبرون هلايون آهن ته مان پنهنجي ڌيءُ کي جاويد کان طلاق وٺرائي رهي آهيان ۽ جاويد پنهنجي زال کي طلاق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سکر ۾ پيپلز پارٽي جي 56 هين يوم تاسيس جي سلسلي ۾ پروگرام منعقد

پ پ باني چيئرمين شهيد ذوالفقار علي ڀٽو اڄ کان 56 سال اڳ پاڪستان پيپلز پارٽي جو بنياد رکيو : اڳواڻ

ان عرصي دوران شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان کي 73 جو آئين جيڪو هن وقت به موجود آهي ڏنو

پيپلز پارٽي پنهنجي حڪومتي دور ۾ بي روزگارن کي روزگار ڏنو ملڪ مان غربت جي خاتمي لاءِ مختلف پروگرام ڏنا

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان پيپلز پارٽي اڳواڻ سکر هائوس ورڪر سيد زاهد شاهه بخاري ليبر ڪالوني سکر ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي 56 هين يوم تاسيس جي سلسلي ۾ پروگرام منعقد ڪيو پاڪستان پيپلز پارٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سکر: پيپلز پارٽي جي 56 هين يوم تاسيس جي سلسلي ۾ پروگرام کي مقررين خطاب ڪري رهيا آهن

عمرڪوٽ جي صحافي مشتاق ڪنيري والد جي ٽيجي جي رسم ٿي گذري

عمرڪوٽ (رپورٽر) عمرڪوٽ جي سينئر صحافي مشتاق ڪنيري ۽ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي ضلعي ڊپٽي سيڪريٽري قادر ڪنير جي والد جي ٽيجي جي رسم ٿي گذري. ميونسپل چيئرمين عمرڪوٽ خالد سراج سومرو، اڳوڻي ايم پي اي علي مراد راڄڙ. ليڪ سڪيلڊر راهمون، مصطفيٰ سميجو، انفارميشن آفيسر اسلم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٽائون ڪميٽي ميرپورساڪرو جي ملازمن جون 3 مهينن کان پگهارون بند

پگهارون نه ملڻ خلاف ٽائون ملازمن ڪالهه کان ڪم ڇڏ هڙتال ڪري ڇڏي، سخت نعريبازي

پگهارون نه ملڻ خلاف ٽائون ڪميٽي جي غريب ملازمن جو ٽائون ڪميٽي آفيس کان ريلي ڪڍي

جيستائين اسان کي پگهارون نه ملنديون تيستائين ڪم ڇڏ هڙتال جاري ۽ ساري رهندي : مظاهرين

ميرپور ساڪرو (رپورٽر) ٽائون ڪميٽي ميرپورساڪرو جي ملازمن جون 3 مهينن کان پگهارون بند جنهن ڪري ٽائون ملازمن اڄ کان ڪم ڇڏ هڙتال ڪري ڇڏي آهي. پگهارون نه ملڻ خلاف ٽائون ڪميٽي جي غريب ملازمن جو ٽائون ڪميٽي آفيس کان ريلي ڪڍي مين بس اسٽاپ تي احتجاجي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا جنهن ڪري ڪراچي ٺٽو ڪيٽي بندر روڊ مڪمل بند ٿي ويو سوين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

بدين جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول حيات جوڻيجو تي ثقافتي ڏهاڙو منعقد

سياسي سماجي اڳواڻ خادم ٽالپر، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر دين محمد ڏيرو، چائلڊ پروٽيڪشن آفيسر ذوالفقار ڀٽو ۽ ٻين جي شرڪت

پروگرام ۾ ٻارڙن تقريرون، گيت، شاعري ۽ ٽيبلوز پيش ڪري خوب داد حاصل ڪيو، مهمانن پاران ٻارڙن ۾ ڪيش انعام پڻ ورهايا ويا

هي ڏينهن ملهائڻ جو مقصد شاگردن کي ثقافت کان آگاهه ڪرڻ ۽ منهجن خوداعتمادي پيدا ڪرڻ آهي : نورالدين جوکيو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول حيات جوڻيجو تي ثقافتي ڏهاڙو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ سياسي سماجي اڳواڻ خادم ٽالپر، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر دين محمد ڏيرو، چائلڊ پروٽيڪشن آفيسر ذوالفقار ڀٽو، پ ت الف ضلع بدين جي صدر نور محمد سومرو، ياسين جوڻيجو پ ت الف سٽي صدر در محمد پرڳڙي، يوسي محمد خان پرڳڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

بدين: گورنمينٽ پرائمري اسڪول حيات جوڻيجو ۾ ڪوٺايل ثقافتي تقريب کي مقررين خطاب ڪندي

گهوٽڪي ۾ ياڻ جي هٿراڏو ڪوٽ خلاف ايس ٽي پي پاران احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو

سينئر وائيس چيئرمين ڄام عبدالفتاح سميجو جي اڳواڻي ڊي سي گهوٽڪي جي آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ويو

ڄام عبدالفتاح سميجو جي اڳواڻي ۾ ست رڪني ڪاميٽي ڊي سي گهوٽڪي سان ڳالهيون ڪيون

اسان ڊي سي گهوٽڪي جي ڏنل خاطري کي قدر جي نگاهه سان ڏسندي مان ڏيون ٿا ۽ فلحال ڌرڻو ختم ڪيون ٿا : اڳواڻ

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موتوائي) ياڻ جي هٿراڏو ڪوٽ خلاف ايس ٽي پي ضلعي گهوٽڪي پاران پارٽي جي سينئر وائيس چيئرمين ڄام عبدالفتاح سميجو جي اڳواڻي ڊي سي گهوٽڪي جي آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ سوين ڪارڪنن ۽ آبادگارن شريڪ ٿي سخت نعريبازي ڪري احتجاج ريڪارڊ ڪرايو. آفيس گيٽ تي لڳل ڌرڻي ۾ ڊي سي ٽو دريا خان چانڊيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

ڪُونَڻُ قَرِيبَنَ جو، عَيِنَ تَڙُڻُ آهِ؛
اِيَ اُلـٽي ڳالـهڙي، سِڪَ وَرَنـدِي سـاهِ؛
آسَرَ هَـڏِمَ لاهِ، چِـنَـڻُ ڳـنـدَڻُ اُنِ جـو.

عالمي مالياتي ادارن جي ملڪ جي آئيني معاملن ۾ مداخلت

صنعتي ۽ سرمائيدار ملڪن جي استحصالي ايجنڊا تي عمل ڪرائيندڙ عالمي مالياتي ادارا غريب ۽ اسرندڙ ملڪن جي عوام جو رت ست نپوڙڻ ۾ اڳي کان اڳرا آهن. انهن ملڪن کي قرضن جي پنجوڙ ۾ جڪڙي اختيارن جو اسٽيئرنگ پنهنجي هٿ وس ڪري ٿا وٺن ۽ پوءِ انتظامي معاملن، ايتري قدر جو آئيني معاملن ۾ به مداخلت ڪرڻ لڳن ٿا. انهن مالياتي ادارن جي جبر کي ڀوڳيندڙ ملڪن ۾ هي ڪشورِ حَسين به شامل آهي، جتي انهن ادارن جي فرمائشن کي پورو ڪندي هتي جي "حڪمرانن" عوام جي جيئڻ جا گس سوڙها ڪري ڇڏيا آهن. پر ان جي باوجود انهن ادارن جي فرمائشن جو نزول ٿيندو رهي ٿو. اهڙي ئي فرمائشن جي 'فهرست' عالمي بينڪ طرفان پڻ آيل آهي، جنهن ۾ ملڪ جي آئيني معاملن ۾ مداخلت ڪندي چيو ويو آهي ته، پاڪستان سرڪار ارڙهين آئيني ترميم ۽ اين ايف سي ايوارڊ تي نظرثاني ڪري. عالمي بينڪ ٽيڪس وصولين کي بيٺو ڪرڻ ۽ حڪومتي خرچ 10 سيڪڙو گهٽائڻ جي پڻ گهر ڪري ڇڏي آهي. عالمي بينڪ دالين، ڪاڇرو تيل، ميون ۽ کير سميت ڪيترين ئي شين تي ڇوٽ/سبسڊي ختم ڪرڻ جو پڻ مطالبو ڪيو آهي.

هي ملڪ بدترين نمونی مالي بحرانن جي ڏهڻ ۾ ڦاٿل آهي. جتان ان کي ڏاهپ ۽ تدبر وارين معاشي پاليسين ذريعي ئي ڪڍي سگهجي ٿو. پر اسان جي حڪمرانن کي ان جو هڪڙو ئي حل نظر اچي ٿو، اهو آهي قرضن پٺيان قرض کڻڻ ۽ قرض ڏيندڙ ادارن جي چرنن ۾ هن ملڪ جي عوام کي ٻڌي اڇلائي ڇڏڻ. انهن استحصالي ادارن هن ملڪ جي عوام جو رت ست نپوڙي ان کي اهڙي حالت تي پهچائي ڇڏيو آهي، جنهن جي عڪاسي لطيف سرڪار جي هنن لفظن مان ٿئي ٿي: "رتي رت نه سنجري". عوام جي حالت بنهه خراب آهي، ايتري قدر جو ان جي لاءِ جسم ۽ روح جو رشتو برقرار رکڻ مشڪل بڻجي ويو آهي پر ٻئي طرف حڪمران عالمي مالياتي ادارن جي فرمائشن تي عوام جو جيئڻ به جنجال ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان کي اتي فل اسٽاپ اچي، تڏهن به نه. ويتر مالياتي ادارن جون فرمائشون ڏينهون ڏينهن وڌنديون وڃن ۽ اسان جا حڪمران سعادتمند پوئلڳ وانگر هر فرمائش پوري ڪرڻ لاءِ تيار ويٺا آهن. پوءِ عوام تي ڀلي ڪهڙي به قيامت ٽُٽي، تنهن سان انهن جو واسطو نه آهي. هڪ طرف عالمي مالياتي ادارا ڏيوالپٽي جو خوف ۽ ڌڪاءُ پيدا ڪري پنهنجي عوام دشمن ايجنڊا تي حڪمرانن کان عمل ڪرائي رهيا آهن ته ٻئي طرف انهن قدمن سان جيڪو مهانگائي جو طوفان آيو آهي، تنهن ماڻهن جي حالت وڌيڪ خراب ڪري ڇڏي آهي. آءِ ايم ايف ته ايترين فرمائشون هن ملڪ جي حڪمرانن کان پوريون ڪرايون آهن، جو باقي ساهه کڻڻ تي ٽئڪس لڳائڻ جي فرمائش باقي رهجي وئي آهي پر عالمي بينڪ طرفان به فرمائشن تي فرمائشون اچي رهيون آهن. ايتري قدر جو دالين، ڪاڇرو تيل ۽ ٻين ضروري اسمن تي به ڇوٽ ختم ڪرڻ جي گهر ڪئي وئي آهي. هن ملڪ ۾ اهو سوال پڇڻ جي ضرورت ئي محسوس نه ڪئي پئي وڃي ته آخر هن حالت تي ملڪ ڪيئن پهتو؟ ڪنهن پهچايو؟ ۽ ان جي ذميوارن کي قانون جي گرفت ۾ آڻڻ بدران عوام جو رت ست نپوڙڻ وارو ئي حل ڇو پيو نظر اچي؟ ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هتي جي حڪمران ٽولن ملڪ کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي پر ان جي ذميوارن کي سزا ڏيڻ بدران ان تباهيءَ جي چٽي عوام کان ڇو پئي ڀرائي وڃي؟ مُني صديءَ کان هن ملڪ تي ڪنهن تجربا ڪيا؟ اڌ ملڪ ٽُٽي وڃڻ کانپوءِ به آخر ان مان سبق ڇو نٿو سکيو وڃي؟

اسان جو ملڪ ائٽمي طاقت آهي ۽ اسان آهيون به قومي خودداريءَ جا دعويدار پر اسان جي حالت اها آهي ته اسان جي سڄي معيشت ڪشتي تي آڌاريل آهي ۽ اسان جي اهڙي ڪردار جي ڪري عالمي مالياتي ادارا به انهن ڪمزورين جو فائدو وٺي رت ست چوسي رهيا آهن. هاڻي ته معاملا ان نهج تي وڃي پهتا آهن جو اهي مالياتي ادارا ملڪ جي آئيني معاملن ۾ به مداخلت ڪرڻ لڳا آهن. ارڙهين آئيني ترميم ۽ اين ايف سي ايوارڊ آئيني معاملا آهن ۽ جڏهن قرض ڏيندڙ ادارا انهن ۾ مداخلت ڪرڻ لڳن ته باقي ڇا ٿو رهجي وڃي؟

پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي جنم ڏينهن جو تاريخي پسمنظر

اللہ بچايو ميمڻ

10 جنوري 1966ع تي تاشقند جي ماڳ تي ته سربراهي ڪانفرنس ڪرائي وئي، جنهن ۾ پاڪستان جي تڏهوڪي صدر جنرل محمد ايوب خان ۽ ڀارت جي وزراعظم لال بهادر شاستريءَ شرڪت ڪئي. تقريب ۾ ٻنهي ملڪن جي پرڏيهي وزيرن به شرڪت ڪئي. پاڪستان جو پرڏيهي وزير ذوالفقار علي ڀٽو هو ۽ ڀارت جو پرڏيهي وزير سورن سنگهه هو. سربراهي دستاويزن تي صحيحون ٿيڻ ۽ اهي ٻنهي جي حوالي ڪرڻ وقت ذوالفقار علي ڀٽي جي اکين ۾ لڙڪ لڙي آيا.

وطن واپسيءَ کانپوءِ هن پنهنجن خدشن تحت چيو ته جنگ ۾ وڏين قربانين سان کٽيل پارٽي زمين ۽ ملڪيتون ٽيبل ٽاڪ ۾ هارائي وئي. پاڪستاني وفد جي ملڪ پهچڻ کان پوءِ ذوالفقار علي ڀٽو وڏي سوچ ۽ ويچار ۾ پئجي ويو. هن 24 جنوري 1967ع تي پرڏيهي معاملن واري وزارت تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هن عوام سان رابطو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ٽرين ذريعي لاهور کان ڪراچيءَ جو سفر ڪيو. رستي ۾ سڀني ريلوي اسٽيشنن تي ماڻهن جي وڏي انگ سندس والهاڻو ۽ پرتپاڪ استقبال ڪيو. هو سڄي رستي ۾ لڙڪ لاڙيندو رهيو ۽ ماڻهن جي عزم ۽ استقلال جو جواب ڏيندو رهيو. رستي ۾ هو لڙڪ لاڙي جنهن رومال سان اگهندو رهيو اهو لاهور جي هڪ شخص خطير رقم ڏئي خريد ڪيو.

ان تحريڪ جي ڪري سڄي ملڪ ۾ هر طرف جلوس، مظاهرا، پڪ هڙتالون، جلسا ۽ جدوجهد تبديليءَ جو ڏونڪو وڄايو ۽ خود ساخته "فيلڊ مارشل" جنرل محمد ايوب خان نيٽ گوڏا کوڙيا ۽ هن اقتدار جو واڳون جنرل محمد يحييٰ خان جي حوالي ڪيون. هن پڻ ملڪ ۾ مارشل لا لاڳو ڪئي ۽ بطور چيف مارشل لاءِ ايڊمنسٽريٽر ملڪ ۾ عوام جا بنيادي حق معطل ڪيا ويا. ڪارا قانون لاڳو ڪيا ويا. اسپيشل برانچ کي نيون ذميواريون ڏنيون ويون جن ۾ ماڻهن کي هراسان ڪري گرفتاريون ڪرڻ شامل هئا.

ذوالفقار علي ڀٽي 30 نومبر 1967ع تي ڊاڪٽر مبشر حسن جي لاهور واري گهر تي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو بنياد رکيو. ان اهم اجلاس ۾ ڊاڪٽر مبشر حسن کان علاوه جي اي رحيم، ميان محمد علي قصوري، لائل پور جي مختيار رانا، مير رسول بخش ٽالپر، محمد بخش ڏامراهه، شاگرد اڳواڻ نجيب احمد، معراج محمد خان، عبدالحفيظ پيرزادو، خانصاحب عبدالحميد جتوئي، حيات محمد شير پائو ۽ ٻين شرڪت ڪئي. بعد ۾ 9 ڊسمبر 1967ع تي پارٽيءَ جو جهنڊو ۽ منشور پيش ڪيو ويو جنهن ۾ چار (4) اهم نقطن کي نظر ۾ رکيو ويو هو. 1. اسلام اسان جو مذهب. 2. جمهوريت اسانجي سياست. 3. سوشلزم اسانجي معيشت. 4. طاقت جو سرچشمو عوام آهي.

پيپلز پارٽيءَ فوجي ڊڪٽيٽرشپ خلاف هڪ ڏکي جدوجهد ڪئي ۽ معاشري کي جمهوريت جي راهه تي روان رکڻ لاءِ تڪليفون برداشت ڪيون. سماجي ۽ معاشي انصاف ماڻڻ لاءِ شروع کان وٺي پيپلز پارٽيءَ جو اهم مقصد رهيو آهي. ذوالفقار علي ڀٽي ملڪ جي سمورن طبقن ۽ ڀهراڙيءَ جي ماڻهن کي جمهوريت جي اهميت کان متعارف ڪرايو ۽ منجهن سياسي شعور پيدا ڪيو.

ملڪ جي تاريخ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي اها واحد پارٽي آهي جنهن جمهوري عمل ذريعي چوٿون ڀيرو ڪاميابي ماڻي پنهنجي سمورن دورن ۾ پارٽيءَ عوام جي فلاح ۽ ڀلائيءَ ۽ ملڪي ترقيءَ لاءِ حل پيش ڪيا آهن. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ هڪ اهڙي ملڪ ۾ جمهوري سرشتو لاڳو ڪرڻ لاءِ وڏي محنت ڪئي جيڪو لاڳيتو آمر حڪومتن جي تسلط ڪري پيدا ٿيندڙ مسئلن ۾ ڦاٿل رهيو. 77_1971ع، 90_1988ع، 96_1993ع ۽ 2008ع. حڪومت جي چئني دورن ۾ پ پ حڪومت پنهنجي منشور موجب واعدن کي پورو ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي.

ان وچ ۾ جنرل يحييٰ خان ملڪ ۾ عام چونڊون ڪرائڻ جو ذڪر ڪيو. اُن ڏس ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ طرفان پهرين جولاءِ 1970ع ۾ "هالا ڪانفرنس" منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ سنڌ مان وائيس چيئرمين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، پنجاب جي وائيس چيئرمين ميان محمود علي قصوري، صوبي سرحد جي وائيس چيئرمين حيات محمد شير پائو، بلوچستان جي وائيس چيئرمين نواب غوث بخش رئيساڻي ۽ اوير پاڪستان جي وائيس چيئرمين مسيح الرحمان شرڪت ڪئي. تلاوت ڪلام پاڪ کانپوءِ ذوالفقار علي ڀٽي عوام کي خوشخبري ٻڌائي ته ملڪ مان ون يونٽ جي لعنت ختم ڪرڻ جو جنرل يحييٰ خان اعلان ڪيو آهي ۽ سمورا صوبا بحال ٿي ويا آهن. ڪانفرنس جي ڪارروائي پارٽيءَ جي سيڪريٽري جنرل جي اي رحيم هلائي. ڀٽو صاحب وري مائيڪ تي آيو ۽ چيائين ته اڄ سڀ کان پهرين ڪير خطاب ڪرڻ گهري ٿو.

اتي پارٽيءَ جي سرگرم ميمبر احمد رضا قصوري اٿي هٿ مٿي ڪيو. ڀٽي صاحب چيو ته سٺي ڳالهه آهي جو "قصور دا منڊا" خطاب ڪرڻ چاهي ٿو. اهڙي طرح احمد رضا قصوري پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو. اجلاس ۾ سرحد صوبي جي حق نواز گنڊاپور پنهنجي هٿ ۾ ساڻي ۽ گندي پاڻيءَ جي بوتل مٿي کڻي ڪندي حاضرين جو ڌيان ڇڪايو. ڀٽو صاحب! اسان ۽ اسان جا ٻار اهڙو گندو ۽ زهريلو پاڻي پيئون ٿا. ڀٽي صاحب واضح ڪيو ته اسان هتي ان غليظ نظام جي تبديليءَ لاءِ ته گڏ ٿيا آهيون ۽ حڪومت قائم ڪرڻ شرط، اسان پيئڻ جو پاڻي، تعليم، صحت، سماجي انصاف ۽ روزگار ۽ سڀني لاءِ ترقيءَ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪنداسين اُن دور ۾ اليڪٽرانڪ چئنل ۽ لائيو نشرياتون ڪونه هونديون هيون. جڏهن ته پرائيويٽ ويڊيو ڪئمرائون، اي پي، بي بي سي، وائيس آف آمريڪا، سرڪاري اي پي پي، ٻاهرين ملڪن توڙي ملڪي صحافي پروگرام، ڪانفرنس، مذاڪرن جي ڪوريج لاءِ ايندا هئا. پارٽيءَ جي نوجوان ۽ پرجوش مقرر طارق عزيز صحافين تي ڪڙي تنقيد ڪئي ان تي ميڊيا، صحافي وغيره ناراض ٿي بائيڪاٽ ڪندي ٻاهر هليا ويا. ڀٽي صاحب ان ڳالهه جو نوٽيس ورتو ۽ طارق عزيز کي هدايت ڪئي ته انهن کي پرچائي واپس آندو وڃي. ساٿس گڏ سيد قمر الزمان شاهه ۽ سيٺ عبدالرزاق ميمڻ کي موڪليو ۽ بائيڪاٽ ڪندڙن کي پرچائي اجلاس ۾ آندو. اجلاس ۾ پروفيسر اين ڊي خان ڳاڙهي شرٽ پائي انقلابي تقرير ڪئي.

هالا ڪانفرنس جو مکيه ايجنڊا جو اسم اهو فيصلو ڪرڻو هو ته "انقلاب يا چونڊ" ان تي سمورن ميمبرن مفصل بحث ڪيو. اڪثريت ان راءِ جي هئي ته چونڊن ۾ ڀرپور حصو وٺي حڪومت قائم ڪري منشور جي پوئواريءَ ۾ انقلاب ڏانهن سنڀالي وڃجي. ٻئي ڏينهن پڻ ميمبرن پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو. آخرڪار پارٽي چيئرمين موضوع کي دڳ لائيندي رات جو 8 وڳي مفصل خطاب ڪيو ۽ اهو خطاب 10 لڳي 13 منٽن تي مڪمل ڪيو. جنهن ۾ هن عوامي جدوجهد ووٽ جي افاديت ۽ مستقبل جي رٿابندي جو آهڃار ڪيو. سوا به ڪلاڪن جي تقرير هلندي هال ۾ مڪمل سانٽيڪو ماحول ڏسڻ وٽان هو. بلڪل منظر پروگرام آهر چونڊون وڏي اڪثريت سان کٽي حڪومتي پروگرام تي عمل ڪيو. سندس وڏو ڪارنامو پاڪستان کي عبوري دستور ڏيڻ هو جڏهن ته بعد ۾ سڀني سياسي جماعتن جي سربراهن سان مشاورت، تجويزن ۽ غور بعد حتمي آئين ٺاهيو جنهن ۾ سڀني اڳواڻن ۽ پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻن عبدالحفيظ پيرزادي، مولانا ڪوثر نيازي، رفيع رضا معاونت ڪئي. اهڙي طرح ملڪ کي اسلامي، فواقي، جمهوري ۽ عوامي آئين ڏنو ويو. بعد ۾ ڀٽو صاحب 14 آگسٽ 1972ع تي نئين آئين تحت پارليامينٽ ۾ وزيراعظم طور قسم کنيو. فضل الاهي چوڌريءَ اسلامي جمهوري پاڪستان جي صدر جي حيثيت سان قسم کنيو.

پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت 1972ع ۾ پورهيتن لاءِ هڪ نئين پاليسي جاري ڪئي. جنهن ۾ مزدورن کي عزت سان روزگار ڪمائڻ جو موقعو مهيا ڪيو ويو. هارين کي زرعي قرضن جي شروعات ڪئي وئي. 1972ع ۾ ملڪ پهرين ائٽمي بجلي گهر جو بنياد رکيو. پورهيتن کي استحصالي نظام کان نجات ڏياري فيڪٽري مالڪن سان بهتر لاڳاپا قائم ڪيا. 1972ع ۾ پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ شملا معاهدو ٿيو. جنهن تحت 5 هزار چورس ميل جو علائقو ڀارت واپس ڪيو ۽ 90 هزار جنگي قيدين کي آزاد ڪرايو. پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت 1973ع ۾ پاڪستان اسٽيل ملز سان گڏوگڏ 23 نين صنعتن جو بنياد رکيو. سال 1974ع ۾ پهرين اسلامي سربراهي ڪانفرنس لاهور ۾ منعقد ڪئي وئي. جنهن سان مسلمان ملڪن جي وچ ۾ سهڪار جون نيون راهون کليون. سال 1976ع ۾ پهرين سيرت ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي جنهن جو سلسلو اڄ تائين جاري آهي. 5 جولاءِ 1977ع تي فوجي ڊڪٽيٽر جنرل محمد ضياء الحق، ذوالفقار علي ڀٽي جي آئيني ۽ قانوني حڪومت کي ختم ڪيو ملڪ ۾ مارشل لاءِ مڙهي وئي ۽ ڪوڙا جڙتو ڪيس ٺاهي لاهور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس مولوي مشتاق ذريعي سزا موت جو فيصلو ٻڌايو. بعد ۾ سپريم ڪورٽ ۾ چيف جسٽس انوارالحق 3 ججن جي مقابلي ۾ چئن ججن سزا برقرار رکي. مولوي مشتاق ۽ انوارالحق سان رب پاڪ ڪهڙو حساب ورتو سو تاريخ جو حصو آهي. اهڙي طرح هڪ عوامي اڳواڻ ذوالفقار علي ڀٽي کي عالمي سازش تحت عالمي مافيا سان ملي 4 اپريل 1979ع تي رات جي اونداهي ۾ ڦاهي ڏني وئي.

سنڌ ۽ پاڻي جا ذريعا

ممتاز ڪنير

دنيا ۾ موجود سمنڊ ۽ ان جي ڀيٽن ۾ آباد شهرن کي عالمي سطح تي گرمي جو پد وڌي وڃڻ بعد انهن جو مستقبل خطري هيٺ اچي ويو آهي ۽ اتي بدين ڪراچي ۽ ٺٽي جا ساحل جتي هزارين ايڪڙ زمين سمنڊ پنهنجي لپيٽ آڻي چڪو آهي ۽ هي ٺٽي شهر پڻ خطري هيٺ آهن ماحولياتي ماهرن جي ماهرن هڪ پيرو وري ڪراچي، بدين ۽ ٺٽي کي تباهي بابت پنهنجي راءِ ڏني آهي. سنڌو درياءَ ۾ ڪوٽڙي ____ پاڻي نه ڇڏڻ ڪري مٿي بيان ڪيل ضلعن جي لکين ايڪڙ زمين بنجر بڻجي چُڪي آهي ۽ اهو سلسلو هلندڙ آهي. ماهرن موجب 2060ع تائين انهن ضلعن کي وڏا خطرا درپيش آهن ۽ هن وقت تائين سمنڊ جو کارو پاڻي انهن ضلعن جي لکين ايڪڙ زمين ڳهي چڪو آهي ۽ ماڻهن جي معاشي بدحالي جو ڪاٿو لڳائين لاءِ وڏي اسٽڊ ڪرڻ ۽ دل جهلڻ جي ضرورت جهڙن هزارين آبادگارن جون زرعي زمينون ۽ قربن جون کهاٽيون هيون. انهن راڄن ڀاڳن ۾ ماسي حليمان ذليخان جهڙا ڪيئي ڪردار هئا. جن پنهنجي مال پتاري جو کير وڪڻڻ اوطاقن تي ايندڙ / ترسندڙ ڏڪار جي مارين ٿري ماڻهن کي پياريو لسيون، ڏونئرا، مکڻ ۽ نج گيهه ڳاڙهن چانورن جي مانين سان گڏ پيش ڪيا. نيشنل انسٽي ٽيوٽ آف اوشنو گرافي پاران اها ڳالهه پارليامينٽ جي فورم تي ڪئي وئي آهي ته سنڌو درياءَ جي پوڇڙ ۾ جيڪڏهن رٽيل مٺو پاڻي سمنڊ اندر نه ڇڏيو ويو ته ايندڙ 35 سالن ۾ ڪراچي، ٺٽو ۽ بدين سمنڊ جي ور چڙهي ميسارجي ويندا اهو پڻ انڪشاف ڪيو ويو آهي ته ڪراچي واري مليرواري علائقي ۾ به سمنڊ اڳتي وڌي آيو آهي. هي انهن ڳوٺاڻن مارو ماڻهن جون پڻ ڪهاڻيون آهن جن جو هزارن جي تعداد ۾ مال خاص ڪري مينهون ۽ ڏڳيون ٻڪريون وغيره جن مان نه صرف هي ماڻهو کير حاصل ڪندا هئا پر گڏوگڏ ڏک. سُک ۾ اهو ڇوپايو مال سندن پرحهلو ٿيندو هو. بيمارين ۾ علاج توڙي شادين جي موقن تي پئسي جي ضرورت مهل مال وڪڻي مهل ڪندا هئا ۽ شادين. طهرن توڙي ٻين ثقافتي ريتن رسمن ۾ مال کهي ڏام ڏوم سان پت ڪارائيندا هئا ۽ گوشت پڻ ڪارائي خوش ٿيندا هئا ۽ ائين محبتن جي ميلن توڙي نڙ ٻيٽن جي مهلن جا رنگ نکري ايندا هئا. پاڙي جي موچي، ڪنڀار، ڏاٽا، رنبا ناهيندڙ لوهار به ڪچو سيڌو وٺي پنهنجن گهرن ڏانهن خوش خوش موٽندا هئا. مڇي جا تلاءَ رکندڙ شوقين ماڻهو به پنهنجو الهه تلهه وڃائي ويهي رهيا. سندن قسمن قسمن جون مڇيون پالڻ جا شوق. سنگت ساٿ جون دعوتون ڪرڻ تازي تازي مڇي ڪين پيش ڪرڻ . مڇي جي پالنا ۽ سنڀال لاءِ رکيل مزدورن جو روزگار پڻ تلاءَ جي ختم ٿيڻ سان گڏ رُڪجي ويو آهي ۽ هزارين ملاح جيڪي قومي فشريز پاليسي بابت سوچيندا ۽ پُڇندا رهيا جيڪا سندن راءِ خواب ئي رهجي ويئي ايل بي او ڊي جون تباهه ڪاريون دنيا جي نظرن ميڊيا ذريعي ڏسندي جنهن حيرت جو اظهار ڪيو اهو ڪنهن انساني الميي کان گهٽ ڪونه هو جنهن بابت سهانا خواب ڏيکاريا ويا هئا پر انهي ايل بي او ڊي مقامي آبادين کي معاشي توڙي سماجي حوالي سان برباد ڪري ڇڏيو ۽ اڄ انهن علائقن جون 90 سيڪڙو زمينون سم ۽ ڪلر جي ور چڙهيل آهن ۽ زمين جو پاڻي کارو ٿي ويو آهي. سنڌو درياءَ جنهن سان سنڌ جو جياپو آهي گليشرش جي پگهرجندڙ وارو سلسلو تيزي سان وڌي رهيو آهي جنهن سان برهم پترا، ميگهنا، گنگا سان گڏ سنڌو درياءَ به شامل آهن جن تي وڏا اثر پوندا ۽ پاڻي گهٽي ويندو. گڏوگڏ ٻيٽن ۽ تمر جي ٻيلن جي واڌي سبب ماحولياتي بگاڙ پيدا ٿي رهيو آهي. انهن ٻيٽن جو تعداد ڪراچي کان بدين تائين سون ۾ آهي تمر جا وڻ سمنڊ جي ساحل لاءِ "ڍال" وانگر آهن ۽ گرمي پد کي گهٽ رکن ٿا. تمر جي وڻ ختم ٿي وڃڻ بابت ماهر وڌيڪ چون ٿا ته ڪراچي جي ماڻهن کي ساهه جون بيماريون پڻ لاحق ٿي سگهن ٿيون. هي ناميان وڻ جن 1960ع ڌاري 8 قسم موجود هئا جڏهن ته هاڻي اهي چند وڃي بچيا آهن.

01 بقايا

ان لاءِ صدارتي آرڊيننس آڻڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهـــــــــــــــي. خراب ڪارڪردگي وارن انهن وڌيڪ چئن سرڪاري ادارن جو به انتظامي ڍانچو تبديل ڪرڻ جو فريم ورڪ تيار ڪيو ويو آهي ۽ اڳتي اهي وڌيڪ چار سرڪاري ادارا به خود مختيار بورڊ جي سرپرستي ۾ ڪم ڪندا. ذريعن موجب خود مختيار بڻايل سرڪاري ادارن جو انتظامي بورڊ 6 کان 12 ميمبرن تي ٻڌل هوندو.

02 بقايا

جي ٻيڻرن سان اختلافن جو کليل طريقي سان اظهار ڪري رهيا آهن. آڊيو ۾ بشريٰ بي بي کي اهو چوندي ٻڌي سگهجي ٿو ته اتي اسان جي لاءِ مسئلو پيدا ٿي ويو آهي ته ان جون ڀيڻرون به اسان سان گڏ هيون. اسان جي ٻاڻ ۾ ڪافي ڇڪتاڻ ٿي وئي هئي. جنهن تي لطيف کوسا چوي ٿو ته صحيح آهي. بشريٰ بي بي آڊيو ۾ چئي رهي آهي ته اتي ڪافي وڏو مسئلو پيدا ٿي ويو هو جنهن کان پوءِ مون مناسب نه سمجهو ته مان پي ٽي آءِ چيئرمين جي ڀيڻرن سان وڌيڪ ڳالهايان. مون خان صاحب کي چئي ڇڏيو ته منهنجا سمورا ڪيس هاڻ اهوئي ڏسندو ۽ اوهان جا به جيترا هوندا جيڪي مان سمجهندس هاڻ اهي ليٽ ٿي رهيا آهن ته مان ان کي ئي ڏيندس. لطيف کوسو بشريٰ بي بي کي چوي ٿو ته ٺيڪ آهي جنهن کان پوءِ بشريٰ بي بي چيو ته انهن مون سان ڪافي بدتميزي ڪئي آهي. مان سوچي به نٿي سگهان ته انهن ۾ ايتري همت ڪٿان ڪان آئي. بشريٰ بي بي پنهنجي ڳالهه کي جاري رکندي چيو ته هي ڪير ٿينديون آهن پڇڻ واريون؟ هي چون ٿيون ته اسان پڇڻ وڃون هيونسين ته اوهان زهر واري لائين ڇو لکي آهي؟ هو جهڙي طريقي سان ڳالهائي رهيون هيون مون ڪين منع ڪيو ته اوهان اهڙي طريقي سان نه ڳالهايو. هنن وڌيڪ تيز ٿي ڳالهايو ته مون خان صاحب کي چيو ته هاڻ گهٽو ٿي ويو منهنجو وڪيل اهوئي آهي جنهن کان پوءِ مان اٿي واپس هلي آيس. لطيف کوسو جواب ۾ چوي ٿو ته خبر نه آهي هنن کي مون مان ڪهڙو مسئلو آهي؟ مان بدتميزي ڪرڻ وارو ئي نه آهيان. مان هنن کي اهو ضرور چيو هو ته اوهان ضد نه ڪريو. جهڙي طرح مان مناسب سمجهندس مون کي اهو ڪرڻ ڏيو جنهن تي انهن چيو ته اسان سان بدتميزي ڪئي وئي آهي.

03 بقايا

۽ ايشين ريجن انٽرنيشنل اومبڊسمين انسٽيٽيوٽ (IOI) جي صدر جناب سومسڪ سوانسوجريٽ ۽ سنڌس زال محترمه نيپا سوانسوجريٽ، صدر ريونگ صوبه ريڊ ڪراس چيپٽر ٿائيلينڊ، 28 نومبر تي ڪراچي پهتا جڏهن ته 29 نومبر تي صوبائي محتسب سنڌ جي آفيس جو دورو ڪيو پنهنجي دوري دوران معزز مهمان محتسب جي آفيس جي لان ۾ ڪچين جو وڻ پوکيو آفيسرن سان ملاقات ڪئي ۽ ٻنهي آفيسن ۾ شڪايتن جي حل/تحقيق جي عمل تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. جنهن دوران سنڌ محتسب جي ڪم جي باري ۾ هڪ پريزنٽيشن ڏني وئي، جنهن دوران معزز مهمانن سنڌ محتسب کي شيلڊون ۽ سوونيئر پيش ڪيا. ملاقات دوران محتسبين هڪٻئي جي تجربن ۽ بهترين عملن مان سکڻ جي لاءِ ٻنهي ادارن جي وچ ۾ لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو. ٻئي معزز مهمان بالترتيب سنڌ جي وڏي وزير ۽ سنڌ جي گورنر سان به ملاقات ڪندا ۽ وزيراعليٰ هائوس ۾ محتسب اعليٰ سان گڏيل تعاون جي هڪ مفاهمتي ياداشت (MOU) تي صحيحون پڻ ڪندا. ان کان علاوه ٿائيلينڊ جو چيف محتسب ۽ سندس زال بابا قومر کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ ان جي مزار تي حاضري پڻ ڀريندا.

جسڪاڻي، پيارعلي نهڙيو، محمد حنيف گرگيز نور محمد گرگر، شڪيل مجاهد، ملڪ اسلام، مجيد چانديو، رحمان نهڙيو، عيسي نهڙيو ۽ ٻين چيو ته 3 مهينا گذري ويا باوجود پوليس جان محمد مهر جي قاتلن، سهولتڪارن کي گرفتار ناهي ڪري سگهي، پوليس جي ناڪامي سمجهون ٿا، انهن چيو ته قاتلن ۽ سهولتڪارن کي گرفتار ڪيو وڃي جي حڪمران جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار ڪري شهيد صحافي جي خون سان انصاف ڪيو وڃي.

| بقايا | سنڌيار | 02 |

ضلع بدين جي عهديدارن جي چونڊ بابت مشاورتي اجلاس نجي شادي هال بدين ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ صوبائي امير مفتي اعظم سنڌ مفتي محمد جان نعيمي خصوصي طور شرڪت ڪئي اجلاس ۾ مرڪزي جماعت اهلسنت بدين ضلعي جو سرپرست اعليٰ ريحان فريد علوي مفتي احمد صادق بغدادي کي بدين ضلعي جو امير حاجي عبدالسليم ميمڻ سينئر نائب امير مولانا عبدالغفار ڪوسو نائب امير، علامہ حبيب الله نعيمي ناظم اعليٰ، مفتي اورنگزيب نعيمي سينئر نائب ناظم اعليٰ مولانا محمد علي ملاح نعيمي نائب ناظم اعليٰ دوم، خزانچي غلام نبي ميمڻ، سيڪريٽري اطلاعات و نشريات محمد امين ڪتي، ناظم تبليغ علامہ اياز احمد نعيمي، رابطہ سيڪريٽري فقير زاهد راجو ۽ ناظم خدمت خلق مولانا گل محمد راجو کي چونڊيو ويو. ان ڪانسواءِ تعلقي بدين، ماتلي، تلهار، گولاڙچي ۽ ٽنڊوباگو لاءِ آرگنائزر مقرر ڪيا ويا. جنهن کانپوءِ حلف برداري تقريب کي خطاب ڪندي قائد اهلسنت مفتي محمد جان نعيمي چونڊيل عهديدارن کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته مرڪزي جماعت اهلسنت جو مشن تحفظ مقام مصطفيٰ ۽ نفاذ نظام مصطفيٰ آهي، هن چيو ته اڄ امت مسلمہ جي اتحاد جي اشد ضرورت آهي. نظام مصطفيٰ سان ئي ملڪ ۾ عدل ۽ انصاف جي حڪمراني قائم ٿيندي. اجلاس ۾ پير سيد ضمير حسين شاه جيلاني، ميان صفدر حسين سهروردي، مفتي محمود عثمان نعيمي، مفتي زبير هزاروي، علامہ خادم حسين نعيمي ۽ حافظ بشارت احمد طاهري پڻ خصوصي شرڪت ڪئي.

| بقايا | سنڌيار | 03 |

اصل مالڪن بلاول سمون، ڊاڪٽر رابعہ، گل نذير آهن نعيم اعوان، شيراز سولنگي ۽ اياز خاصخيلي جي حوالي ڪري ڇڏيا. ايس ايس پي لٽو چيو ته وڌيڪ چوري يا گم ٿيل موبائل فون جلد هٿ ڪري مالڪن حوالي ڪيا ويندا.

| بقايا | سنڌيار | 04 |

ڪري محفل ۾ ثقافت جا رنگ نکاري خوب ملهايو انهي موقعي تي سي ايف سجاڳ سينٽر ڏيئي جي پرنسپال سريش پيل ۽ ٻين استادن صحافين ۽ شاگردن سنڌ جي ثقافت تي ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جي ثقافت دنيا جي امير ترين ثقافتن مان هڪ آهي سنڌ جي تهذيب دنيا جي قديم تهذيبن مان هڪ آهي هن وقت سنڌ جي تعليم کي هٿي ڏيارڻ ۽ عام ڪرڻ لاءِ اسان جي سرنديءَ وارن کي پنهنجي علائقي جي ادارن جي مالڪي ڪرڻ گهرجي پروگرام ۾ سنڌي ۽ اردو ۾ تقريري مقابلي ۾ ٻهرين پوزيشن حاصل ڪندڙن کي انعام ڏنا ويا، پروگرام ۾ قومي گيتن تي ٻارڙين ٻاران ٽيبلوز بہ پيش ڪيا ويا.

| بقايا | سنڌيار | 05 |

حاصل ڪري سگهن. تفصيل موجب مالڪ انسٽيٽيوٽ آف آئي ٽي اينڊ ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن ڏهرڪي ۾ حڪومت پاڪستان جي سهڪار سان نوجوانن کي هنري تعليم فراهم ڪرڻ لاءِ مختلف ڪورسز جاري آهن. جنهن ۾ مالڪ انسٽيٽيوٽ آف آءِ ٽي اينڊ ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن ۾ ڇهہ مهينا مفت جنرل اليڪٽريشن جا ڪورس پڻ جاري آهن. NAVTC پاران منعقد ڪيل ڪورس جي پڄاڻي تي فائنل اسيسمينٽ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ شاگردن کان ان لائين اسيسمينٽ ورتي وئي جنهن ۾ شاگردن مختلف ٽاسڪ سرانجام ڏنا ۽ بهترين نتيجا ڏنا. ان موقعي تي نيوٽڪ ڪراچي جي ٽيم جن ۾ عمران الله عباسي ڊپٽي ڊائريڪٽر احمد علي سيال انسٽيٽيوٽ جو دورو ڪيو ۽ شاگردن کان گذريل ڇهن مهينن جي ٽريننگ جي حوالي سان سوال جواب ڪيا

| بقايا | سنڌيار | 06 |

جي ساليانو عرس مبارڪ جو 54 هون هڪ ڏينهن وارو ڏهاڙو نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو ڏهاڙي جو افتتاح درگاه جي سجاده نشين سيد جمن شاه بخاري چادر چاڙهي ڪيو ويو جنهن بعد آيل سوين زائرين ۽ عقيدتمندن ۾ لنگر تقسيم ڪيو ويو جنهن بعد صوفيائي محفل ٿي جنهن ۾ جبار فقير ۽ ذاڪر علي لغاري پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري خوب داد حاصل ڪيو

| بقايا | سنڌيار | 07 |

ڪان هر گز نہ رهجي، هن جن ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پيارا ويا هئا انهن جي فنگر مارڪنگ پڻ چيڪ ڪئي ۽ پوليو ورڪرن کي سختي سان هدايت ڪئي تہ پوليو جا ڦڙا پيارڻ واري فنگر مارڪنگ انتهائي احتياط سان ڪيو وڃي تہ جيئن مانيٽرنگ ٽيمن کي صحيح عدد و شمار ۽ نتيجا حاصل ڪرڻ ۾ ڪا بہ پريشاني نہ ٿئي، هن پوليو ٽيمن کي بهتر ڪم ڪرڻ تي شاباس ڏيندي چيو تہ هو هر ٻار کي پنهنجو ٻار سمجهي هن مهم کي قومي فريضي طور انجام ڏنو وڃي تہ جيئن هن ملڪ کي پوليو جهڙي خطرناڪ بيماري کان پاڪ ڪري سگهجي، ان موقعي تي هن

والدين کي پڻ اپيل ڪئي تہ پوليو مهم دوران پنهنجي ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا 2 ڦڙا ضرور پيارين ۽ سندس علائقن ۾ ايندڙ پوليو ٽيمن سان مڪمل سهڪار ڪن ۽ ضلعي کي پوليو کان پاڪ ضلعو بڻائڻ ۾ هڪ ذميوار شهري جو ثبوت ڏيڻ سان گڏ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن ـ ياد رهي تہ 27 نومبر کان شروع ٿيندڙ پوليو کان بچاءَ واري قومي مهم 3 ڊسمبر تائين جاري رهندي ـ ان دوران پنج سالن کان گهٽ عمرجي 2 لک 31 هزار 993 ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ وارو حدف مقرر ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ 58 ٽرانزٽ پوائنٽس، 732 موبائيل ٽيمون ۽ 51 فڪسڊ پوائنٽس کان علاوه ضلعي جي مختلف بنيادي و ديهي صحت مرڪزن ۽ اسپتالن ۾ ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ وارو قومي فريضو انجام ڏنو پيو وڃي.

| بقايا | سنڌيار | 08 |

ڪيو ويو آهي پوليس واقعي جي جاچ ڪري رهي آهي گهوٽڪي ۾ سرڪٽ هائوس اندر ايمرجنسي واري صورتحال، فائرنگ، قانون لاڳوڪندڙ ادارا سرڪٽ هائوس ايريگيشن ڪالوني جو گهيرو ڪري ورتو

| بقايا | سنڌيار | 09 |

جو شان ۽ مان آهي، شوڪت فقير چيو تہ ٿي ڊسمبر تي سنڌ جي دل ڪراچي جي پورٽ گرائونڊ ۾ هڪ بهترين محفل موسيقي جي تقريب ڪرائي وڃي آهي دوست شرڪت ڪن شوڪت فقير چيو تہ سنڌ سان هر ڪو ماڻهون پيار ڪري ٿو ۽ سنڌ مهمان نوازي ۾ بہ سڀ کان اڳتي آهي سنڌ جي خوشبو دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ راهندڙن کي ايڪتا جو ڏڻ ملهائڻ جو انتظار ڪندا آهن جيڪي تي ڊسمبر تي ڀرپور ملهائيندا آهن هن وڌيڪ چيو تہ ايڪتا جي ڏهاڙي تي سنڌ واسي سنڌي ٽوپي اجرڪون پائي پنهنجي قومي سڃاڻپ کي ڀرپور متعارف ڪرائن

| بقايا | سنڌيار | 10 |

تي تعزيت جو سلسلو جاري تحريڪ لبيڪ جي اڳواڻ پاران سندس ڳوٺ پهچي عذر خواهي ڪئي وئي ان سلسلي ۾ تحريڪ لبيڪ پاڪستان پي ايس 23 تي نامزد اميدوار مولانا محمد موسي ڀرڙو پاران پي ايس 23 جي انتظامي معاملن جي ناظم خادم حسين چاچڙ سان ٿي ڏينهن اڳ ڀيرلوءِ لڳ روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويل سندس امڙ واري افسوسناڪ حادثي تي سندس اباڻي ڳوٺ ونڊي ويجهو ڳوٺ ولي محمد چاچڙ پهچي مرحومہ جي وارثن سان تعزيت ڪئي ان موقعي تي تحريڪ لبيڪ جا ٻيا ڪارڪن بہ ساٿس گڏ موجود هئا

| بقايا | سنڌيار | 11 |

صفيہ بانو پٺاڻ، ڪرم حسين منگي ۽ ٻين سيمينار کي خطاب ڪندي چيو تہ ووٽ جي اهميت بابت عورتن کي آگاهي ڏيڻ لاءِ ضلعي جي ڏهن ڪان وڌيڪ يوسين ۾ هيومن ڊولپمينٽ سوسائٽي پاران پروگرام هلندڙ آهي جنهن ۾ يونين ڪائونسل سطح تي مڪامي ڳوٺن ۾ رهندڙ عورتن کي ووٽ جي اهميت بابت ٻڌايو پيو وڃي، هنن چيو تہ عورت جيڪڏهن پنهنجي ووٽ جو صحيح استعمال ڪري تہ ڪافي بهتري اچي سگهي ٿي، ضلعي ۾ مردن جي مقابلي ۾ عورتن جو ووٽ وڌيڪ آهي جيڪڏهن اليڪشن دوران عورتون پنهنجي نمائندگي ڪرڻ لاءِ عورت اميدوار کي ميدان ۾ آڻي تہ هوءَ آسانيءَ سان چونڊ کٽي سگهي ٿي جنهن سان عورتن جا ڪافي مسئلا حل ٿي سگهن ٿا، هنن چيو تہ مڪامي سطع تي اسان جي ڪوشش آهي تہ عورت پنهنجي ووٽ جو استعمال صحيح طرح سان ڪري تہ جيئن انهن جو ووٽ ضايع نہ ٿي سگهي اهڙي جي آگاهي مهم هلندڙ جيڪا ڊسمبر تائين جاري رهندي، ان موقعي تي عجيبہ منگي، غلام رسول جلباڻي، ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو

| بقايا | سنڌيار | 12 |

آفيس سکر تائين پنو عاقل ويلفيئر اتحاد ۽ آبادگار ضلعي سکر جي اڳواڻ عبدالمجيد جسڪاڻي، ميان خيرالدين انڍڙ، رفيق انڍڙ، ڊاڪٽر ممتاز ورند، ماجد ڏنور، ڊاڪٽر ذبيح الله جتوئي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي ڊي سي آفيس آڏو احتجاجي ڌرڻو هنيو ڌرڻي ۾ شامل آبادگارن پاڻ مافيا ۽ سرپرستي ڪندڙن خلاف چتي نعري بازي پڻ ڪئي ان موقعي تي مٿين اڳواڻن چيو تہ حڪومت جي سرپرستي ۾ آبادگارن جو معاشي قتل عام ڪيو پيو وڃي، آبادگارن جي شڪايتن تي ڪو بہ عمل نہ پيو ڪيو وڃي، اينگرو يوريا پاڻ ۽ ڊي اي پي بہ غائب ٿي وير آهي سرڪاري اگهہ مقرر ٿيل آهن پر ان تي عمل نہ پيو ٿئي بليڪ مافيا بغير ڪنهن ڊپ جي مهانگي اگهہ تي يوريا ۽ ڊي اي پي وڪرو ڪري رهيا آهن پر ڪائن ڪو بہ پڇڻ وارو ناهي جڏهن تہ فصلن جا سرڪاري اگهہ مقرر ٿيل آهن پر هارين کي سندن فصلن جو مناسب اگهہ نہ ڏنو پيو وڃي جيڪو آبادگارن سان سراسر ظلم آهي جنهنکي ڪنهن بہ صورت ۾ برداشت نہ ڪيو ويندو. آبادگارن جي احتجاج واري اطلاع تي ڊپٽي ڪمشنر سکر جي فوڪل پرسن سمندر خان پٺو ۽ اي سي پنوعاقل ۽ ٻين آفيسرن آبادگار اڳواڻن سان ملاقات ڪئي، ملاقات دوران اڳواڻن آبادگارن جي مسئلن کان آگاهہ ڪيو جنهن بعد آفيسرن آبادگارن جي وفد کي پنهنجي مڪمل تعاون جو يقين ڏياريو سرڪاري اگهہ تي پاڻ جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ سميت ملوث پاڻ مافيا خلاف ڀرپور ڪارروائي ڪرڻ جي خاطري ڪرائي، جنهن تي آبادگارن احتجاجي مظاهرو ۽ ڌرڻو ختم ڪيو

| بقايا | سنڌيار | 13 |

وقت گذرڻ باوجود جاري نہ ٿيڻ خلاف ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن آفيس ٺٽي ۾ احتجاج ڪندي چيف انجنيئرايجوڪيشن ورڪس احمدعلي شاه؛ ايس اي ايجوڪيشن ورڪس ارشاد ميمڻ نگران وزيراعلي سنڌ نگران وزير تعليم کان مطالبو ڪيو ويو تہ ساليانو بجيٽ جو ڪوارٽر جلدي ريليز ڪيو وڃي تہ وقت سر پولنگ اسٽيشنن جو ڪم مڪمل ٿي سگهجي

| بقايا | سنڌيار | 14 |

ننڍڙي عمر ۾ ٻارن جي جبري مشقت سميت ٻيا سمجهاڻي وارا ٽيبلوز پيش ڪيا ويا، ٻارڙن سنڌي اردو ۽ انگريزي ۾ تقريرون ڪيون ۽ قومي گيت ڳائي داد حاصل ڪيو ان موقعي تي پروگرام کي خطاب ڪندي سنڌ چائلڊ پروٽيڪشن يونٽ عمرڪوٽ جي انچارج نور محمد شيخ چيو تہ اڄ ٻارڙن جو عالمي ڏينهن پوري دنيا ۾ ملهايو پيو وڃي، هن چيو تہ ٻارڙن جي حقن جو مڪمل تحفظ ڪرڻ اسان جو فرض آهي، نياڻين جي ننڍڙي عمر ۾ شادي جي روڪٿام لاءِ ڪوششون وٺڻ گهرجن، سماج لاءِ ننڍڙي عمر ۾ نياڻين جي شادين سميت ٻارڙن جي پڙهائي واري عمر ۾ مزدوري ڪرڻ انتهائي نقصانڪار آهي، ٻارڙن جي حقن جو تحفظ اسان سمورن تي فرض آهي انهن کي اعلا تعليم ڏياري وڃي، ان موقعي تي پروگرام کي ضلع ڪائونسل عمرڪوٽ جي وائيس چيئرمين ميان خالد ولهاري، ڊورونارو ٽائون چيئرمين حاجي نواب علي راڄڙ پڻ خطاب ڪيو ان موقعي تي سنڌ چائلڊ پروٽيڪشن يونٽ عمرڪوٽ انچارج اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر نور محمد شيخ، انفارميشن آفيسر عمرڪوٽ محمد اسلم جي ايم پٽي، شفقت لغاري، زوليخان بلوچ، ڪائنات منا خان، غلام رسول بجير، اشرف شيخ، لڪاڏنو منگريو، سومار منگريو، مير محمد سميجو سميت سياسي سماجي اڳواڻن صحافين ۽ شاگرد و شاگرديائين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

| بقايا | سنڌيار | 15 |

ڪئي، جنهن ۾ ڪراچي ڊويزن جا نوان عهديدار بنا مقابلي چونڊيا ويا، ڊويزنل صدر ڊاڪٽر علي نواز ڳبول، ڊويزنل سيڪريٽري منير خان مگسي، ڊويزنل انفارميشن سيڪريٽري روي راجوير چونڊجي آيا، ان موقعي تي نئين چونڊجي آيل اڳواڻن چيو تہ، اسان پارٽي جي هرحڪم تي لبيڪ چوندي پنهنجي قومي جدوجهد کي جاري رکنداسين، انهن چيو تہ سائين جلال محمود شاه ۽ سائين زين شاه جي سربراهي هيٺ ڪراچي ۾ رهندڙ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي ڪارڪنن جي هر ڏک سک ۾ گڏ رهندا سين، انهن چيو تہ ڪراچي ڊويزن جا ست ضلع آهن انشاء الله سڀني ضلعن جي عهديدارن ڪارڪنن جي ساٿ سان ڪراچي ۾ ايس يو پي کي سياسي طور سگهارو ڪنداسين، انهن چيو تہ ڪراچي ۾ رهندڙ سنڌي قوم کي گذارش آهي تہ ايس يو پي ۾ شامل ٿي، سائين زين شاه جا هٿ مضبوط ڪيو ان موقعي تي ڪراچي جي سڀني ضلعن جا صدور ۽ سڪريٽريز موجود هئا.

| بقايا | سنڌيار | 16 |

عبيد ساتول راجپر سيد امير علي شاه فاروق احمد لوڌي جام نورالله ڪوريجو ميان الهي بخش پيرزادو غلام رسول پيرزادو شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو تہ هن وقت سنڌ ۾ جي ڊي اي جو مظبوت اتحاد ٺهي پيو وقت پري ناهي جي ڊي اي ۾ نوشهروفيروز ضلعي سان تعلق رکندڙ اهم شخصيتون اعلان ڪنديون ۽ اهو اتحاد مخالفن جي لاءِ هڪ وڏو چيلينج هوندو هن چيو تہ پ پ ورڪرن ۽ جيالن جي پارٽي ناهي رهي محترمہ بينظير ڀٽو کانپوءِ پارٽي عوامي ناهي رهي هن چونڊن ۾ خبر پوندي آهي تہ عوام ڪنهن سان گڏ آهي

| بقايا | سنڌيار | 17 |

پاران امتحان جي فيسن ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ ڪي اسان شاگرد دوشمن سمجهون ٿا ، اسان سمجهون ٿا تہ فيسن ۾ ايتري واڌ سنڌ جي نوجوانن سان سراسر ظلم آهي، وفاق سنڌ يونيورسٽي کي بجيٽ ۾ شامل نہ ٿو ڪري ان جا ازالو شاگردن کان چوٿو ورتو وڃي. شاگردن اڳ ئي تعليمي ادارن مان مايوسي ٿيل آهن مٿان فيسن ۾ هر آئي ويل واڌ سنڌ جي تعليم کي ڪپاري ڌڪ هڻي رهي آهي. اسان اعلي اختيارين کان مطالبو ٿا ڪريون تہ يونيورسٽي جي اهڙن شاگردن دشمن پاليسي خلاف نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪيو وڃي، شاگردن مان مايوسي ختم ڪئي وڃي، اسان شاگرد اڳواڻ هر اهل شعور فرد کان مطالبو ٿا ڪريون تہ يونيورسٽي جي نا انصافين خلاف آواز اٿارين

| بقايا | سنڌيار | 18 |

تي رقص ڪيو ثقافتي تقريب کي خطاب ڪندي چيو تہ جنهن شهر ۾ سنڌي ماڻهو خوف وچان هلندا هئا ۽ پنهنجي ٻولي، شناخت ۽ ثقافت کي لڪائي هلندا هئا اڄ ساڳئي شهر ۾ اوچي ڳاٽ سان ثقافتي لباس پهري ۽ پنهنجي ٻولي، ثقافت ۽ قومي تشخص کي اجاگر ڪرڻ نئين سنڌ جي شروعات آهي هاڻي احساس ڪمتري ختم ڪري احساس فخر جو دور آهي بنيادي تبديلي جو دور آهي جنهن ۾ سنڌي قوم کي پنهنجا سڀ قومي حق حاصل ڪرڻا پوندا آئون شاندار ثقافتي تقريب منعقد ڪرائڻ تي اردو يونيورسٽي جي استادن ۽ شاگردن کي جس ڏيان ٿو تقريب کي ٻين پڻ خطاب ڪيو

| بقايا | سنڌيار | 19 |

نمبر 2 ۾ زبردست پروگرام ٿيو جنهن ۾ ثقافت جا رنگ اجاگر ڪرڻ لاءِ ثقافت ۽ سائنسي ميلو بہ لڳرايو ويو جنهن ۾ شاگردن

استادن جي رهنمائي سان سنڌو ماٿري جي تهذيب کي اجاگر ڪيو ويو موهن جي دڙي مان مليل ٺڪر ٺانءَ اٽ، گابا ۽ سڪن جا خاڪا تيار ڪيا ويا. سائنسي ميلي ۾ فزڪس، ڪيميسٽري، بايولاجي جا عملي پريڪٽيڪل، انساني جسم ۾ هلندڙ گردشي سلسلي، انساني ڊائلاسز، ٽاڪي هٽڻ واري مشين، جبل مان نڪرندڙ لاٽي، پيٽرول ۽ پاڻي تي گئس ناهي باهہ ٻارڻ سميت مختلف اسٽال لڳايا ويا. ان کان علاوهہ شاگردن قومي گيتن تي زبردست موج مستي ڪري شاگردن ۽ استادن جي منهن تي مرڪون آڻي ڇڏيون. اسڪول هيڊ ماستر محمد رمضان مگنيجو چيو تہ اسڪول جي استادن ۽ شاگردن جي ڀرپور محنت سان اسان هيءَ ڪامياب پروگرام ڪيو. هن پروگرام ۾ گورنمينٽ مدرسہ هاءِ اسڪول نوشهروفيروز جي سينئر هيڊ ماستر ڪريم بخش سيال جي مهمان خصوصي طور شرڪت ۽ سائنسي، ثقافتي ميلي ۾ شاگردن کي همٿائڻ تي ڪيس جس ڏنو ان موقعي تي هيڊ ماستر ڪريم بخش سيال، استادن رفيق احمد، بابر عمراڻي، واجد وسطڙو اسدالله عباسي، سارنگ ڪريم جوڪيو ۽ ٻين چيو تہ ثقافت علم ادب سان قومون جيئنديون آهن اسان هڪ قديم ۽ تاريخي قوم آهيون جنهن جي ثقافت نهايت قديمي آهي جنهن کي اجاگر ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. هن ثقافتي ۽ سائنسي ميلي ۽ شو ۾ شاگردن طيب آلدين سومرو، پريتم داس، سوميہ ڪمار، هارون جهنڊير، عديل مغل، ياسر مغل ۽ ٻين جي ڪارڪردگي کي ساراهيو ويو هئي پاسي شاگردن 3 ڊسمبر تي ثقافتي ڏهاڙو وڏي شان مان ۽ ڀرپور نموني سان ملهائڻ جو وچن ورجايو ۽ چيو تہ سنڌ جي ثقافت سان محبت جي اظهار 3 ڊسمبر تي وڌيڪ اجاگر ڪيو ويندو

| بقايا | سنڌيار | 20 |

بلوچ پاڻ ڪري رهيو آهي. سڄي ضلعي جا سمورا ڊي ايس پيز ۽ ايس ايڇ اوز اسنيپ چيڪنگ واري عمل ۾ حصو وٺي رهيا آهن. نوشهروفيروز ضلعي جي سمورن داخلي ۽ خارجي رستن تي اسنيپ چيڪنگ جو عمل جاري آهي. سرچنگ ڊيوائس سنيپ چيڪنگ ۾ استعمال ٿي رهي آهي. ايس ايس پي نوشهرو فيروز آءِ جي سنڌ جي هدايتن تي شهرين کي اسنيپ چيڪنگ دوران سٺي اخلاق سان پيش اچڻ جي هدايت ڪئي. سنيپ چيڪنگ جو مقصد ماڻهن کي محفوظ محسوس ڪرڻ آهي. اسٽريٽ ڪرائم کي روڪڻ ۽ ڏوهارين جي گرفتاري لاءِ اسنيپ چيڪنگ ڪئي پئي وڃي.

| بقايا | سنڌيار | 21 |

جانچ ڪري سرڪاري هڙپ ڪيل رقم واپس ڪرائي وڃي تفصيل موجب آبپاشي سب ڊيويزن ڪڏڻ جي گهوني شاخ کي لائينگ ڪرڻ لاءِ سرڪار طرفان منظور ڪيل 2 ارب روپيا ڪرپشن حوالي ٿي ويا لائينگ جي ڪم ۾ گهٽ معياري ۽ ناقص مٽيريل جو استعمال ٿيڻ ڪري شاخ کي ڪافي هنڌن تان روٿيون پٽجي ويو ۽ ڪيترائي ڀيرا مختلف هنڌن تان گهارا پڻ پيا آهن اربين روپين جي ميگا پراجيڪٽ مان ان وقت جي ايريگيشن عملدارن وڏي پئماني تي ڪرپشن ڪري پراجيڪٽ کي تين وال بٽائي ڇڏيو صرف ڪاغذي پورائو ڪيو ويو ميگا پراجيڪٽ آبادگارن توڙي عام ماڻهن کي ڪوب فائدو نہ ڏئي سگهيو وينر فصل ٻڏڻ معمول بڻجي ويو نگران حڪومت کي گهرجي گهوني شاخ جي ٿيل لائينگ واري ڪم ۾ ڪرپشن ڪندڙن خلاف ڪاروائي ڪري سرڪار جو لٽيل پئسو واپس ڪرائي لائينگ تي ٻيهر خرچ ڪري عوام ۽ آبادگارن کي سهولت ڏني وڃي

| بقايا | سنڌيار | 22 |

ڪري ثقافتي لباس اجا بوسڪي وارا پٽڪا ٻڌي اجرڪ ڪلهن ۾ ويڙهي سنڌي ٽوپيون پائي قومي ثقافتي گيتن تي زبردست انداز ۾ رقص ڪري ڪاليج جي سمورن شاگردن ۽ استادن کي داد ڏيڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو ثقافتي پروگرام ۾ ٽيبلوز تقريرن جو سلسلو پڻ رکيو ويو جنهن ۾ سنڌ ۽ سنڌ جي ثقافت تي شاگردن تقريرون ڪيون ۽ 3 ڊسمبر ثقافتي ڏهاڙي تي سنڌ سان وچن ورجائيندي پنهنجي قومي ثقافتي ڏينهن ۾ ڀرپور نموني سان شرڪت ڪئي ڪاليج ۾ رکيل ثقافتي پروگرام ۾ پروفيسر اصغر علي ميمڻ خادم مخدوم، شفيع محمد دل سميت شاگردن ميڊيا کي ڪوريج ڪرڻ ۽ 3 ڊسمبر تي ثقافتي ڏهاڙو ملهائڻ تي جس ڏيندي پنهنجي عيد واري ڏينهن ڀرپور نموني سان شرڪت جو اعلان ڪيو هئي پاسي پاٿ ڊوولپمينٽ نيٽورڪ بدين پاران سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن حڪومت سنڌ ضلع بدين جي سهڪار تي هلندڙ ناليواري تعليمي اداري پاٿ هائي اسڪول صدق جت بدين ۾ سنڌي ثقافتي ڏهاڙي جي تقريب ٿي گذري جنهن اسڪولي ٻارڙن سنڌي ٽوپي اجرڪ پهري سنڌ ڌرتي سان محبت جو اظهار ڪيو ٻارڙن تقريرون نعتون پيش ڪرڻ بعد ثقافتي گيتن تي رقص ڪيو تقريب کي اطلاعات کاتي جي انفارميشن آفيسر سرفراز احمد سمون شادي لارج مين پرائمري اسڪول جي هيڊ ماستر واحد بخش احمداڻي ٽي او ٽنڊو باگو جي فوڪل پرسن عبدالملڪ پاٿ ۽ پرنسپل محمد علي بليدي ۽ ٻين استادن پڻ خطاب ڪندي چيو تہ 3 ڊسمبر تي ملهائيندڙ ثقافتي ڏهاڙو وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهائي پنهنجي ڌرتي سان محبت جو وچن ورجائينداسين.

| بقايا | سنڌيار | 23 |

من پسند ڪمائو پٽ ايجنٽن طور مقرر ڪيا ويا آهن جيڪي گاڏين جا ڪاغذ ٺهرائي ڏيڻ لاءِ ماڻهن کان گورنمينٽ جي جاري ڪيل اگهن کان ٻيڻا ۽ ٽيڻا اگهہ وصول ڪري رهيا آهن ۽ عام ماڻهن کي مختلف حربا استعمال ڪندي پريشان ڪيو پيو وڃي جڏهن تہ ان حوالي سان سکر جي سماجي، مذهبي تنظيمن سميت سول سوسائٽي جي اڳواڻن جو چوڻ آهي تہ ايڪسائيز کاتي سکر جو موٽروهيڪل ڊپارٽمينٽ عوام کي سهولتون فراهم ڪرڻ بدران انهن جي مشڪلاتن ۾ واڌارو آڻي رهيو آهي انهن جو واحد سبب پنهنجي ايجنٽن ذريعي عوام کي پريشان ڪري انهن مان گاڏين جا ڪاغذ ٺهرائڻ جي مد ۾ ٻيڻي ۽ ٽيڻي رقم وصول ڪرڻ آهي هنن سنڌ جي نگران وڏي وزير سميت ٻين واسطيدار ادارن کان مطالبو ڪيو آهي تہ سکر ايڪسائيز کاتي جي موٽروهيڪل ڊپارٽمينٽ جي رڪارڊ جي چند چاڻ ڪرائي وڃي تہ وڏي پيماني تي انڪشاف سامهون اچڻ جو انديشو آهي.

| بقايا | سنڌيار | 24 |

کي اطلاع ملڻ بعد ڇهيا جي رضاڪارن جي مدد سان لاشن کي جناح اسپتال پهچايو ويو جتي لاشن جا پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيا ويا. اهڙي واقعي بعد سهري پاران وحشي ارشد خلاف گلستان جوهر ٿاڻي تي قتل جو ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيو جنهن بعد پوليس مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي وحشي جوابدار ارشد کي گرفتار ڪري ورتو پوليس پاران جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو پوليس مطابق وحشي جوابدار نشي جا عادي آهي سندس فنگر اسڪرين لاءِ انتظار ڪبو زيا ٿيلن ۾ 37 سالن جي صائما، 8 سالن جو احد، 3 سالن جو شاه زين ۽ 6 سالن جي عمار شامل آهي واقعي بعد علائقو سوڳوار ٿي ويو

| بقايا | سنڌيار | 25 |

ڪري محفل ۾ ثقافت جا رنگ نکاري خوب ملهايو انهي موقعي تي آيل مهمانن اي سي ٽنڊو باگو ثناالله صدر تي اي او ٽنڊو باگو عبدالجبار قمبراڻي ايم ڪي فائونڊيشن جي فائونڊر احمد علي دل باڪ ويلفيئر ايسوسيئيشن جي صدر

خميسو وايو مهراڻ درس مرتضا شام مرتضا جمالي ۽ ٻين استادن صحافين ۽ شاگردن سنڌ جي ثقافت تي ڳالهائيندي چيو تہ سنڌ جي ثقافت دنيا جي امير ترين ثقافتن مان هڪ آهي سنڌ جي تهذيب دنيا جي قديم تهذيبن مان هڪ آهي هن وقت سنڌ جي تعليم کي هٿي ڏيارڻ ۽ عام ڪرڻ لاءِ اسان جي سرنديءَ وارن کي پنهنجي علائقي جي ادارن جي مالڪي ڪرڻ گهرجي اڄ هن اسڪول ميٺان جي معصوم ٻارڙن جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي اهو ثابت ٿو ڪري تہ سرڪاري اسڪولن جا ٻارڙا بہ موقعا ملڻ جي صورت ۾ پرائيويٽ اسڪولن جي ٻارن کان بهتر ڪارڪردگي ڏيکاري سگهن ٿا انهي موقعي تي اي سي ٽنڊو باگو ثناالله صدر اسڪول جي ڪمرن لاءِ فرش ۾ ٽائيلز لڳرائي ڏيڻ جو اعلان ڪيو پروگرام ۾ سنڌي ۽ اردو ۾ تقريري مقابلي ۾ پهرين پوزيشن شائستہ ابڙي ۽ اردو ۾ بلقيس واڌي ڪنئي ٻيو نمبر ڪرن ڪمار ۽ وحيده ابڙي ڪنيو ۽ ٽيون نمبر پارو مينگهواڙي ۽ عمر فاروق ڪنيو ڪوئيز ڪامپيٽيشن ۾ بي ٽيم جي بلقيس ڪرن مائره ۽ اعجاز ۽ بي پوزيشن عمر فاروق پارو فيضان ۽ آصف ڪنيو مختلف راندين ۾ محمد بخش درس عزيز مختيار وقار منٹر سهيل شيراز سرفراز ساحل رميش امان الله سنيل ۽ ٻين انعام حاصل ڪيا، انهي موقعي تي آيل مهمانن کي اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا، پروگرام ۾ قومي گيتن تي ٻارڙين پاران ٽيبلوز بہ پيش ڪيا ويا.

| بقايا | سنڌيار | 26 |

شهيد دودو سومرو ويلفيئر آرگنائيزيشن صوبي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري نظام الدين سومرو خاص شرڪت ڪئي. جڏهن تہ ضلعي صدر عبدالقادر سومرو. نائب صدر غلام قادر سومرو ضلعي سيڪريٽري حبيب الله سومرو. اطلاعات سيڪريٽري وقار علي سومرو، تعلقي صدر حافظ ڪليم الله سومرو. ٺٽون تعلقو سکر سيڪريٽري بلال سومرو ۽ شهيد دودو سومرو ويلفيئر آرگنائيزيشن جي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو تہ شهيد اسلام ڊاڪٽر خالد محمود سومرو سکر ۾ نماز پڙهندي شهيد ٿي ويو سنڌ جي عوام جي مسئلن ۽ انهن جي حقن لاءِ آواز اٿاريندڙ ڊاڪٽر خالد محمود سومرو هڪ مذهبي اڳواڻ هجڻ سان گڏ قوم پرست اڳواڻ ۽ سنڌ ڌرتي جو حقيقي فرزند هو جنهن کي وساري نہ ٿو سگهجي.

| بقايا | سنڌيار | 27 |

ڏيئي رهيو آهي جيڪو نسورو ڪوڙ آهي هن وڌيڪ چيو تہ منهنجو بيو نياڻو عمران شاهاڻي آهي ان منهنجي نياڻي سان جاويد ملاح جو ڪو تعلق ناهي ليڪن ڪجهہ ماڻهون ان سان جاويد ملاح جو تعلق جاڻائي رهيا آهن جنهن ۾ ڪا بہ صداقت ناهي هن وڌيڪ چيو تہ ڪجهہ ماڻهون ميڊيا تي غلط افواهہ ڦهلائي رهيا آهن انهن کي مان چوان ٿي تہ ڪوڙن بيانن ڏيڻ کان پاسو ڪن ۽ ڪوڙيون افواهون نہ ڦهلائن.

| بقايا | سنڌيار | 28 |

جي سالگاه جو ڪيڪ پڻ ڪٽيو ويو پروگرام ۾ نجمہ سميت پ پ ورڪرن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي جڏهن تہ پروگرام ۾ موجود پ پ جيالن جئي ڀٽو جيئي شهيد راڻي جا نعرا هنيا ان موقعي تي سيد زاهد شاه بخاري پ پ ورڪرن کي خطاب ڪندي چيو تہ پ پ باني چيئرمين شهيد ذوالفقار علي ڀٽو اڄ کان 56 سال اڳ پاڪستان پيپلز پارٽي جو بنياد رکيو ان عرصي دوران شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان کي 73 جو آئين جيڪو هن وقت بہ موجود آهي ڏنو ڊرائنگ روم واري سياست کي ختم ڪري عوام کي ووٽ جو حق ڏيڻ سان سياسي شعور ڏنو هارين ۽ مزدورن کي حق ڏنا ملڪ کي ايٽمي قوت بڻايو جنهن جي ڏوهہ ۾ ڪيس شهيد ڪرايو ويو زاهد شاه بخاري وڌيڪ چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي پنهنجي حڪومتي دور ۾ بي روزگارن کي روزگار ڏنو ملڪ مان غربت جي خاتمي لاءِ مختلف پروگرام ڏنا، جنهن ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام بہ شامل آهي جيڪو هن وقت بہ ملڪ جي غريب خاندانن کي مالي سهائتا ڏئي پئي، سکر هائوس پاران سکر جي عوام خدمت ڪئي آهي ۽ اهو سلسلو جاري آهي پ پ جي سينيئر مرڪزي اڳواڻ اسلام دين شيخ ۽ سندس ٽيم ڏکي وقت ۾ سکر جي عوام کي اڪيلو ناهي ڇڏيو

| بقايا | سنڌيار | 29 |

پٽي، ڊسٽرڪٽ فوڊ آفيسر حسين مهر، سنجر مهر، عمران ڪنيار، ڪامريڊ امتياز ڪنيرو، حسيب چنا، رمضان نهڙيو، مير پلي، پي ٽي آئي اڳواڻ امان الله سمون، صحافي راجيش ڪمار، زوار بنگلاڻي، مصطفيٰ نهڙيو سميت ٻين معززن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ دعا گهري افسوس جو اظهار ڪيو

| بقايا | سنڌيار | 30 |

گاڏين جون قطارون لڳي وييون، مين اسٽاپ کان ٿيندي ريلي جي صورت ۾ پريس ڪلب ميرپورساڪرو پهچي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ٽائون ڪميٽي ميرپور ساڪرو جي ملازمن کي پگهار نہ ملڻ تي ٽائون انچارج عباس چنہ، منظور قادر لاشاري، عرض محمد جعفري، ڪامريڊ محمد ابراهيم شورو، هري رام ۽ ٻين مين اسٽاپ تي احتجاج ڪرڻ کان پوءِ پريس ڪلب ميرپور ساڪرو اڳيان احتجاج ڪندي ٻڌايو تہ اڄ 30 تاريخ آهي اسان کي اڃان تائين پگهارون ناهين مليون سگهيون، هيڏي مانگهائي ۾ اسان فاڪاشي واري زندگيءَ گذارڻ تي مجبور ٿي ويا آهيون اسان جون پگهارون جلد بحال ڪيون وڃن نہ تہ ڪم چڏ هڙتال جاري ۽ ساري رهندي، پگهارون نہ ملڻ ڪري اسان سخت پريشانين ڪي منهن ڏئي رهيا آهيون اسان پنهنجون ڊيوٽيون بہ ايمانداري سان ڪندا آهيون پر پوءِ بہ اسان سان سراسر ظلم ڪيو پيو وڃي تو هنن فوري طور تي مطالبو ڪيو تہ اسان جون پگهار بحال ڪري اسان جي پريشاني ختم ڪئي وڃي ۽ جيستائين اسان کي پگهارون نہ ملنديون تيستائين ڪم چڏ هڙتال جاري ۽ ساري رهندي ۽ پئي صورت ۾ اسان احتجاج جو دائرو وسيع ڪنداسين.

| بقايا | سنڌيار | 31 |

جي چئرمين الهرکيو سومرو، محمد موسا جوڻيجو سوشل ويلفيئر ڪلارڪ وڪيل نعمت الله جوڻيجو، وڪيل ملڪ عثمان، ڳوٺ جي اڳواڻ علي محمد جوڻيجو، ڳوٺاڻن صحافين ۽ استادن سميت مختلف مڪتب فڪر جي ماڻهن شرڪت ڪئي، نظير بڪاري، عرفان جوکيو ۽ مرتضيٰ چانگ اسٽيج سيڪريٽري جا فرض سرانجام ڏنا، پروگرام ۾ ٻارڙن تقريرون، گيت، شاعري ۽ ٽيبلوز پيش ڪري خوب داد حاصل ڪيو مهمانن پاران ٻارڙن ۾ ڪيش انعام پڻ ورهايا ويا، پنجين ڪلاس جي شاگردن ڪائنات، اقرا، آفيہ، نادرعلي، عمران ۽ الطاف حسين سنڌ جي عظيم ڪردارن عمر مارئي بابت بهترين ٽيبلو پيش ڪيو. سلمہ، شڪيلا، اسمہ ۽ ثنا تعليمي سماجڪي بابت ٽيبلو پيش ڪري خوب داد حاصل ڪيو سلطان ۽ سندس گروپ پاران مزاحيہ ٽيبلو پيش ڪري حاضرين جي چهرن تي مرڪون وکيريون، صفيہ، لاريب، اسمہ، ثنا، زکيہ ۽ پرهہ جوشيلي انداز ۾ تقريرون ڪري خوب داد حاصل ڪيو شيرين، عائشہ، محرم علي، جواد علي، محمد خان، سجادقومي گيت پيش ڪيا، تقريب کي خطاب ڪندي اسڪول جي استاد نورالدين جوکيو چيو تہ هي ڏينهن ملهائڻ جو مقصد شاگردن کي ثقافت کان آگاهہ ڪرڻ ۽ منهجن خوداعتمادي پيدا ڪرڻ آهي. ناليواري سياسي سماجي اڳواڻ خادم ٽالپر چيو تہ 90 شاگردن کي پڙهائيندڙ اڪيلي استاد جي محنت سان اسٽيج تي ٻارڙن جي پرفارمنس ڏسي اسين يقين سان چئي سگهون ٿا تہ سنڌ جو مستقبل روشن آهي.

پ ت الف ضلعي بدين جي صدر نور محمد سومري چيو تہ استاد جي محنت ۽ ٻارن جي پرفارمنس قابل تعريف آهي هي ٻار اسان جو روشن مستقبل آهن. انتظاميہ کي گهرجي تہ استادن جي محنت جو قدر ڪري اسڪولن ۾ گهرج مطابق استاد پرتي ڪري تہ جيئن استاد وڌيڪ ڪاميابيون ماڻي سگهن. نامياري ليکڪ نبي بخش نوتڪاڻي چيو تہ ثقافتي رنگن ۾ رڱيل هنن ٻارڙن جي ڪارڪردگي قابل داد آهي. ٻارن جو اعتماد ۽ انداز بيان ساراهہ جوڳو آهي. ڳوٺ جي اڳواڻ علي محمد جوڻيجي چيو تہ ڳوٺ جي تاريخ ۾ هن ڀهرئين پروگرام ۾ ٻارڙن اسان جي توقع کان وڌيڪ بهترين پرفارمنس ڏيکاري جنهن جي پٺيان استاد جي محنت آهي. هن چيو تہ استاد جي محنت ۽ لڳن اسان جي اسڪول کي سنڌ جي بهترين اسڪولن ۾ شمار ڪرائيندي. آخر ۾ نالي واري راڳي استاد الهڏنو جوڻيجو قومي گيت پيش ڪري محفل ۾ موجود حاضرين کي جهومائي ڇڏيو.

| بقايا | سنڌيار | 32 |

پهچي ايس ٽي پي اڳواڻن کي ڊي سي سان ڳالهين لاءِ چيو جنهن بعد جام عبدالفتاح سميجو جي اڳواڻي ۾ ست رڪني ڪاميٽي ڊي سي گهوٽڪي سان ڳالهيون ڪيون ۽ پنهنجا مطالبا رکيا، جن کي جائز قرار ڏيندي ڊي سي گهوٽڪي يقين ڏياريو تہ هو اينڊ سومر تي پاڻ ڊيلرن ۽ فيڪٽري جي نمائندن کي گهرائي ڪين سرڪاري اگهہ تي پاڻ وڪري جو پابند بڻائيندو عمل نہ ٿيڻ جي صورت ۾ مٿن سختي ڪئي ويندي، هن اهو بہ يقين ڏياريو تہ ضلعي جي ڪوٽا ۾ پڻ واڌ ڪرائي ويندي تہ جيئن ضلعي گهوٽڪي جي آبادگارن جي ضرورتن جو پوراءَ آسانيءَ سان ٿي سگهي، ڪاڏ جي ٻاهر سمگلنگ بابت اٿاريل سوال تي هن ضلعي جي داخلي رستن تي چيڪ پوسٽون قائم ڪرڻ جي پڻ خاطري ڪرائي جتي بغير اجازت نامي جي ڪاڏ ٻاهر وڃڻ کي روڪيو ويندو ان موقعي تي ڳالهائيندي ايس ٽي پي اڳواڻ جام فتاح سميجو چيو تہ اسان ڊي سي گهوٽڪي جي ڏنل خاطري کي قدر جي نگاهہ سان ڏسندي مان ڏيون ٿا ۽ فلحال ڌرڻو ختم ڪيون ٿا، پر جيڪڏهن مٿين ڳالهين تي عمل نہ ٿيو تہ 7 ڊسمبر تي اينگرو پاڻ فيڪٽري جي گيٽ آڏو ڌرڻو هنيو ويندو ان کان پهريان ڌرڻي کي جام عبدالفتاح سميجو، زاهد ميراڻي، غلام مصطفيٰ ناٿچ، ڪامريڊ مير شر، علينواز جلباڻي، جام معشوق سميجو نجم پنگر، مزدور اڳوان رانجهن سميجو ۽ ٻين خطاب ڪيو

| بقايا | سنڌيار | 33 |

ڪان هر گز نہ رهجي، هن جن ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پيارا ويا هئا انهن جي فنگر مارڪنگ پڻ چيڪ ڪئي ۽ پوليو ورڪرن کي سختي سان هدايت ڪئي تہ پوليو جا ڦڙا پيارڻ واري فنگر مارڪنگ انتهائي احتياط سان ڪيو وڃي تہ جيئن مانيٽرنگ ٽيمن کي صحيح عدد و شمار ۽ نتيجا حاصل ڪرڻ ۾ ڪا بہ پريشاني نہ ٿئي، هن پوليو ٽيمن کي بهتر ڪم ڪرڻ تي شاباس ڏيندي چيو تہ هو هر ٻار کي پنهنجو ٻار سمجهي هن مهم کي قومي فريضي طور انجام ڏنو وڃي تہ جيئن هن ملڪ کي پوليو جهڙي خطرناڪ بيماري کان پاڪ ڪري سگهجي، ان موقعي تي هن والدين کي پڻ اپيل ڪئي تہ پوليو مهم دوران پنهنجي ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا 2 ڦڙا ضرور پيارين ۽ سندس علائقن ۾ ايندڙ پوليو ٽيمن سان مڪمل سهڪار ڪن ۽ ضلعي کي پوليو کان پاڪ ضلعو بڻائڻ ۾ هڪ ذميوار شهري جو ثبوت ڏيڻ سان گڏ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن ـ ياد رهي تہ 27 نومبر کان شروع ٿيندڙ پوليو کان بچاءَ واري قومي مهم 3 ڊسمبر تائين جاري رهندي ـ ان دوران پنج سالن کان گهٽ عمرجي 2 لک 31 هزار 993 ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ وارو حدف مقرر ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ 58 ٽرانزٽ پوائنٽس ، 732 موبائيل ٽيمون ۽ 51 فڪسڊ پوائنٽس کان علاوه ضلعي جي مختلف بنيادي و ديهي صحت مرڪزن ۽ اسپتالن ۾ ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ وارو قومي فريضو انجام ڏنو پيو وڃي.

| بقايا | سنڌيار | 34 |

جو شان ۽ مان آهي، شوڪت فقير چيو تہ ٿي ڊسمبر تي سنڌ جي دل ڪراچي جي پورٽ گرائونڊ ۾ هڪ بهترين محفل موسيقي جي تقريب ڪرائي وئي آهي دوست شرڪت ڪن شوڪت فقير چيو تہ سنڌ سان هر ڪو ماڻهون پيار ڪري ٿو ۽ سنڌ مهمان نوازي ۾ بہ سڀ کان اڳتي آهي سنڌ جي خوشبو دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ راهندڙن کي ايڪتا جو ڏڻ ملهائڻ جو انتظار ڪندا آهن جيڪي تي ڊسمبر تي ڀرپور ملهائيندا آهن هن وڌيڪ چيو تہ ايڪتا جي ڏهاڙي تي سنڌ واسي سنڌي ٽوپي اجرڪون پائي پنهنجي قومي سڃاڻپ کي ڀرپور متعارف ڪرائن

| بقايا | سنڌيار | 35 |

ضلع بدين جي عهديدارن جي چونڊ بابت مشاورتي اجلاس نجي شادي هال بدين ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ صوبائي امير مفتي اعظم سنڌ مفتي محمد جان نعيمي خصوصي طور شرڪت ڪئي اجلاس ۾ مرڪزي جماعت اهلسنت بدين ضلعي جو سرپرست اعليٰ ريحان فريد علوي مفتي احمد صادق بغدادي کي بدين ضلعي جو امير حاجي عبدالسليم ميمڻ سينئر نائب امير مولانا عبدالغفار ڪوسو نائب امير، علامہ حبيب الله نعيمي ناظم اعليٰ، مفتي اورنگزيب نعيمي سينئر نائب ناظم اعليٰ مولانا محمد علي ملاح نعيمي نائب ناظم اعليٰ دوم، خزانچي غلام نبي ميمڻ، سيڪريٽري اطلاعات و نشريات محمد امين ڪتي، ناظم تبليغ علامہ اياز احمد نعيمي، رابطہ سيڪريٽري فقير زاهد راجو ۽ ناظم خدمت خلق مولانا گل محمد راجو کي چونڊيو ويو. ان ڪانسواءِ تعلقي بدين، ماتلي، تلهار، گولاڙچي ۽ ٽنڊوباگو لاءِ آرگنائزر مقرر ڪيا ويا. جنهن کانپوءِ حلف برداري تقريب کي خطاب ڪندي قائد اهلسنت مفتي محمد جان نعيمي چونڊيل عهديدارن کي مبارڪباد ڏيندي چيو تہ مرڪزي جماعت اهلسنت جو مشن تحفظ مقام مصطفيٰ ۽ نفاذ نظام مصطفيٰ آهي، هن چيو تہ اڄ امت مسلمہ جي اتحاد جي اشد ضرورت آهي. نظام مصطفيٰ سان ئي ملڪ ۾ عدل ۽ انصاف جي حڪمراني قائم ٿيندي. اجلاس ۾ پير سيد ضمير حسين شاه جيلاني، ميان صفدر حسين سهروردي، مفتي محمود عثمان نعيمي، مفتي زبير هزاروي، علامہ خادم حسين نعيمي ۽ حافظ بشارت احمد طاهري پڻ خصوصي شرڪت ڪئي.

موقعي تي پروگرام کي خطاب ڪندي سنڌ چائلڊ پروٽيڪشن يونٽ عمرڪوٽ جي انچارج نور محمد شيخ چيو تہ اڄ ٻارڙن جو عالمي ڏينهن پوري دنيا ۾ ملهايو پيو وڃي، هن چيو تہ ٻارڙن جي حقن جو مڪمل تحفظ ڪرڻ اسان جو فرض آهي، نياڻين جي ننڍڙي عمر ۾ شادي جي روڪٿام لاءِ ڪوششون وٺڻ گهرجن، سماج لاءِ ننڍڙي عمر ۾ نياڻين جي شادين سميت ٻارڙن جي پڙهائي واري عمر ۾ مزدوري ڪرڻ انتهائي نقصانڪار آهي، ٻارڙن جي حقن جو تحفظ اسان سمورن تي فرض آهي انهن کي اعلا تعليم ڏياري وڃي، ان موقعي تي پروگرام کي ضلع ڪائونسل عمرڪوٽ جي وائيس چيئرمين ميان خالد ولهاري، ڊورونارو ٽائون چيئرمين حاجي نواب علي راڄڙ پڻ خطاب ڪيو ان موقعي تي سنڌ چائلڊ پروٽيڪشن يونٽ عمرڪوٽ انچارج اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر نور محمد شيخ، انفارميشن آفيسر عمرڪوٽ محمد اسلم جي ايم پٽي، شفقت لغاري، زوليخان بلوچ، ڪائنات منا خان، غلام رسول بجير، اشرف شيخ، لڪاڏنو منگريو، سومار منگريو، مير محمد سميجو سميت سياسي سماجي اڳواڻن صحافين ۽ شاگرد و شاگرديائين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ننڍڙي عمر ۾ ٻارن جي جبري مشقت سميت ٻيا سمجهاڻي وارا ٽيبلوز پيش ڪيا ويا، ٻارڙن سنڌي اردو ۽ انگريزي ۾ تقريرون ڪيون ۽ قومي گيت ڳائي داد حاصل ڪيو ان موقعي تي پروگرام کي خطاب ڪندي سنڌ چائلڊ پروٽيڪشن يونٽ عمرڪوٽ جي انچارج نور محمد شيخ چيو تہ اڄ ٻارڙن جو عالمي ڏينهن پوري دنيا ۾ ملهايو پيو وڃي، هن چيو تہ ٻارڙن جي حقن جو مڪمل تحفظ ڪرڻ اسان جو فرض آهي، نياڻين جي ننڍڙي عمر ۾ شادي جي روڪٿام لاءِ ڪوششون وٺڻ گهرجن. آهي انهن کي اعلا تعليم ڏياري وڃي، ان موقعي تي پروگرام کي ضلع ڪائونسل عمرڪوٽ جي وائيس چيئرمين ميان خالد ولهاري، ڊورونارو ٽائون چيئرمين حاجي نواب علي راڄڙ پڻ خطاب ڪيو ان موقعي تي سنڌ چائلڊ پروٽيڪشن يونٽ عمرڪوٽ انچارج اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر نور محمد شيخ، انفارميشن آفيسر عمرڪوٽ محمد اسلم جي ايم پٽي، شفقت لغاري، زوليخان بلوچ، ڪائنات منا خان، غلام رسول بجير، اشرف شيخ، لڪاڏنو منگريو، سومار منگريو، مير محمد سميجو سميت سياسي سماجي اڳواڻن صحافين ۽ شاگرد و شاگرديائين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

ڏيندي چيو تہ مرڪزي جماعت اهلسنت جو مشن تحفظ مقام مصطفيٰ ۽ نفاذ نظام مصطفيٰ آهي، هن چيو تہ اڄ امت مسلمہ جي اتحاد جي اشد ضرورت آهي. نظام مصطفيٰ سان ئي ملڪ ۾ عدل ۽ انصاف جي حڪمراني قائم ٿيندي. اجلاس ۾ پير سيد ضمير حسين شاه جيلاني، ميان صفدر حسين سهروردي، مفتي محمود عثمان نعيمي، مفتي زبير هزاروي، علامہ خادم حسين نعيمي ۽ حافظ بشارت احمد طاهري پڻ خصوصي شرڪت ڪئي. ضلع بدين جي عهديدارن جي چونڊ بابت مشاورتي اجلاس نجي شادي هال بدين ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ صوبائي امير مفتي اعظم سنڌ مفتي محمد جان نعيمي خصوصي طور شرڪت ڪئي اجلاس ۾ مرڪزي جماعت اهلسنت بدين ضلعي جو سرپرست اعليٰ ريحان فريد علوي مفتي احمد صادق بغدادي کي بدين ضلعي جو امير حاجي عبدالسليم ميمڻ سينئر نائب امير مولانا عبدالغفار ڪوسو نائب امير، علامہ حبيب الله نعيمي ناظم اعليٰ، مفتي اورنگزيب نعيمي سينئر نائب ناظم اعليٰ مولانا محمد علي ملاح نعيمي نائب ناظم اعليٰ دوم، خزانچي غلام نبي ميمڻ، سيڪريٽري اطلاعات و نشريات محمد امين ڪتي، ناظم تبليغ علامہ اياز احمد نعيمي، رابطہ سيڪريٽري فقير زاهد راجو ۽ ناظم خدمت خلق مولانا گل محمد راجو کي چونڊيو ويو. ان ڪانسواءِ تعلقي بدين، ماتلي، تلهار، گولاڙچي ۽ ٽنڊوباگو لاءِ آرگنائزر مقرر ڪيا ويا. جنهن کانپوءِ حلف برداري تقريب کي خطاب ڪندي قائد اهلسنت مفتي محمد جان نعيمي چونڊيل عهديدارن کي مبارڪباد ڏيندي چيو تہ مرڪزي جماعت اهلسنت جو مشن تحفظ مقام مصطفيٰ ۽ نفاذ نظام مصطفيٰ آهي، هن چيو تہ اڄ امت مسلمہ جي اتحاد جي اشد ضرورت آهي. نظام مصطفيٰ سان ئي ملڪ ۾ عدل ۽ انصاف جي حڪمراني قائم ٿيندي. اجلاس ۾ پير سيد ضمير حسين شاه جيلاني، ميان صفدر حسين سهروردي، مفتي محمود عثمان نعيمي، مفتي زبير هزاروي، علامہ خادم حسين نعيمي ۽ حافظ بشارت احمد طاهري پڻ خصوصي شرڪت ڪئي.

| بقايا | سنڌيار | 36 |

ننڍڙي عمر ۾ ٻارن جي جبري مشقت سميت ٻيا سمجهاڻي وارا ٽيبلوز پيش ڪيا ويا، ٻارڙن سنڌي اردو ۽ انگريزي ۾ تقريرون ڪيون ۽ قومي گيت ڳائي داد حاصل ڪيو ان

استرينگٿننگ سوشل پروٽيڪشن ڊليوري سسٽم ان سنڌ

سنڌ سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي
سوشل پروٽيڪشن ڊپارٽمينٽ
حڪومتِ سنڌ

Ref: SSPDSS/RFB/PROC Dated: 29th November 2023

سامان جي آڇن جي درخواست
(ون انويلپ اچ جو عمل)

ملڪ: پاڪستان

پروجيڪٽ: استرينگٿننگ سوشل پروٽيڪشن ڊليوري سسٽم ان سنڌ سنڌ سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي، سوشل پروٽيڪشن ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ

لون/ ڪريڊٽ نمبر: ورلڊ بينڪ اندر IDA/7229_PK

1. سنڌ حڪومت (جيڪا ان کانپوءِ قرض وٺندڙ وجي ٿي) انٽرنيشنل ڊولپمينٽ ايسوسيئيشن (IDA) (بئنڪ) کان قرض جي صورت ۾ (هتان کان پوءِ ڪريڊٽ سڏيو وڃي ٿو) سنڌ صوبي ۾ سماجي تحفظ واري نظام کي مضبوط ڪرڻ جي لاڳت لاءِ فنانسنگ حاصل ڪئي آهي. پروجيڪٽ ڊائريڪٽر، پراجيڪٽ مئنيجمينٽ اينڊ امپليمينٽيشن يونٽ، استرينگٿننگ سوشل پروٽيڪشن ڊليوري سسٽم سنڌ، سنڌ سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي، سوشل پروٽيڪشن ڊپارٽمينٽ، سنڌ حڪومت، هڪ عمل درآمد ڪندڙ ادارو ان ڪريڊٽ جي آمدني جو ڪجهه حصو معاهدي تحت ادائگين جي لاءِ ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو. جنهن لاءِ هي آڇن جي دعوت جاري ڪئي وئي آهي. بڊنگ اهل ماخذ ملڪن جي سڀني آڇ ڏيندڙن لاءِ کليل آهي جيئن ورلڊ بينڪ پروڪيورمينٽ ضابطن (نومبر 2020 ۾ نظرثاني ٿيل) www.worldbank.org تي دستياب آهي.

سيريل	تفصيل	آڇون جمع ڪرڻ	آڇ کولڻ
1	ٽيبليٽس، پاور بينڪس ۽ ٿرمل پرنٽرس جي خريداري	18_12_2023 تي منجهند جو 02:30 وڳي	18_12_2023 تي منجهند جو 03:00 وڳي

نوٽ: هتي ٽي لاٽس آهن ۽ آڇ ڏيندڙ/فرم ڪنهن هڪ يا وڌيڪ لاٽس جي لاءِ آڇ جمع ڪري سگهن ٿا

2. پروڪيورنگ ايجنسي استرينگٿننگ سوشل پروٽيڪشن ڊليوري سسٽم ان سنڌ هيٺين خريداري لاءِ اهل آڇ ڏيندڙن کان مهربند آڇون گهرائي ٿي.
3. آڇ ورلڊ بينڪ جي "پروڪيورمينٽ ريگيوليشنس فار آءِ پي ايف بوروئرز (نومبر 2023 ۾ ترميم ٿيل)" ۾ ڄاڻايل موجوب آڇن جي درخواست (RFB) ذريعي نيشنل ڪامپيٽيٽو پروڪيورمينٽ ذريعي منعقد ڪيا ويندا ۽ پروڪيورمينٽ ريگيوليشنز موجب سمورن اهل آڇ ڏيندڙن لاءِ کليل آهن.
4. دلچسپي جا اهل آڇ ڏيندڙ پروڪيورمينٽ سيڪشن PM&IU آف استرينگٿننگ سوشل پروٽيڪشن ڊليوري سسٽم ان سنڌ مان آفيس وقت دوران سومر کان جمعي تائين صبح جو 09:00 کان شام جو 05:00 وڳي تائين هيٺ ڏنل ايڊريس تي وڌيڪ معلومات حاصل ڪري سگهن ٿا ۽ آڇ دستاويز جو معائنو ڪري سگهن ٿا. انگلش ۾ آڇ دستاويز خواهشمند آڇ ڏيندڙ ڪمپني/فرم جي ليٽرهيڊ تي لکت ۾ درخواست ۽ ناقابل واپسي فيس 5000 رپيا جمع ڪرائڻ تي خريد ڪري سگهجن ٿا. ادائيگي جو طريقيڪار سنڌ سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي، سوشل پروٽيڪشن ڊپارٽمينٽ حڪومت سنڌ جي حق ۾ پي آرڊر/بئنڪ ڊرافٽ هوندو.
5. آڇون ڊسمبر 18، 2023 تي منجهند جو 02:30 وڳي تائين يا اڳ تائين هيٺ ڏنل ايڊريس تي پهچڻ گهرجن. اليڪٽرانڪ آڇن جي اجازت نہ هوندي. دير سان آيل آڇون رد ڪيون وينديون. آڇون آڇ ڏيندڙن جي نمائندن جي موجودگي ۾ هيٺ ڏنل ايڊريس تي جيڪي حاضر ٿيڻ چاهين ٿا 18 ڊسمبر 2023 تي منجهند جو 03:00 وڳي کوليون وينديون.
6. سمورين آڇون پاڪستان رپين ۾ ۽ ڪوٽ ڪيل رقم جو 5 سيڪڙو بڊ سيڪيورٽي سان گڏ هجن. بڊ سيڪيورٽي کانسواءِ آڇون رد ڪيون وينديون.
7. مٿي بيان ڪيل ايڊريس هيٺ ڏجي ٿي:

پروجيڪٽ ڊائريڪٽر
استرينگٿننگ سوشل پروٽيڪشن ڊليوري سسٽم ان سنڌ سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي.
سنڌ پروٽيڪشن ڊپارٽمينٽ حڪومت سنڌ
155- اين، مسلم ڪمرشل، فيز VI ڊي ايڇ اي ڪراچي
ٽيليفون: 92-021-99206602-5
فيڪس نمبر: 021-99206603
ويب سائيٽ: www.sspa.gos.pk اي ميل: nmemon@sspa.gos.pk

INF/KRY No: 4574/23

پڙهندي سنڌ تہ ...... وڌندي سنڌ

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار ڪراچي Reg No 2677 ABC Certified ايڊيٽر: اعجاز مهر Daily SINDHYAR Karachi NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍين وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر بہ شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي بہ سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نہ گهرجن، پر جنهن وقت بہ ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ بہ ڏيارينداسين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com